القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمة الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمة الله

پيز شريف

سُوْرَةُ النَّبَا مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ | اٰيَاتُهَا ٤٠ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿١﴾ عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ﴿٢﴾ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ

ڇا جي هڪ ٻئي کان پڇا تا ڪن. (پڇا تا ڪن) خبر وڏيءَ جي. اها جنهن ۾

کهڙيءَ ڳالهه بابت هڪ ٻئي کان پڇن ٿا؟ (هائو!) هڪڙي اهڙي وڏي واقعي بابت. جنهن (جي ٿيڻ) ۾ اهي (پاڻ ۾)

مُخْتَلِفُوْنَ ﴿٣﴾ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾ ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ

اهي اختلاف ڪندڙ آهن. خبردار اجهو ڄاڻندا، وري خبردار سگهو ڄاڻندا. ڇا نه ڪيوسون

مختلف آهن. ائين (سندن خيالن وانگر) نه آهي، سگهوئي ڄاڻندا. وري به (چئون ٿا ته) ائين نه آهي، سگهوئي ڄاڻندا.

الْاَرْضَ مِهٰدًا ﴿٦﴾ وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا ﴿٧﴾ وَّخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ﴿٨﴾ وَّجَعَلْنَا

زمين کي وڇائو، ۽ جبلن کي ميخون، ۽ خلقيوسون اوهان کي نر ماد، ۽ بڻايوسون

زمين کي وڇائو نه ڪيو اٿئون ڇا؟ ۽ جبلن کي ميخون؟. ۽ اوهان کي جوڙو جوڙو (نر ۽ مادي) بڻايوسون. ۽ اوهان جي

نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ﴿٩﴾ وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ﴿١٠﴾ وَّجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ﴿١١﴾

ننڊ توهان جي کي آرام، ۽ ڪيوسون رات کي پڙدو، ۽ ڪيوسون ڏينهن کي گذران لاءِ.

ننڊ کي فرحت بڻايوسون. ۽ رات کي ڍڪ ڪيوسون. ۽ ڏينهن کي گذران (جو وقت) ڪيوسون.

وَّبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ﴿١٢﴾ وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ﴿١٣﴾ وَّاَنْزَلْنَا

۽ اڏياسون توهان تي ست (آسمان) مضبوط، ۽ بڻايوسون ڏيئو چمڪندڙ، ۽ وسايوسون

۽ اوهان جي مٿان ست مضبوط (آسمان) بڻاياسون. ۽ هڪ چمڪندڙ ڏيئو (سج) بڻايوسون. ۽

مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً ثَجَّاجًا ﴿١٤﴾ لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا ﴿١٥﴾ وَّجَنّٰتٍ

ڪڪرن کان پاڻي هارجي پوندڙ، جيئن ڪڍون انهيءَ سان اَنَ ۽ اوپڙ، ۽ باغ

ڪڪرن مان ريلا ڪري وهندڙ پاڻي وسايوسون. ته اُن سان اَن ۽ سَلا ڄمايون. ۽ گهاٽا باغ (به). (اها قدرت ڏسي

اَلْفَافًا ﴿١٦﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ﴿١٧﴾ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ

گهاٽا. بيشڪ ڏينهن فيصلي جو آهي مقرر، جنهن ڏينهن ڦوڪيو ويندو صور ۾

سمجهندا نه آهن ته) بيشڪ فيصلي جو ڏينهن هڪ مقرر مهل آهي، جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪبو (تنهن ڏينهن اوهين)

فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ﴿١٨﴾ وَّفُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ﴿١٩﴾ وَّسُيِّرَتِ

پوءِ اوهين ايندا ٽولا ٽولا ٿي، ۽ کوليو ويندو آسمان پوءِ ٿي پوندو دروازا، ۽ هلايا ويندا

ٽولين ٽولين ٿي ايندؤ. ۽ آسمان کولبو، پوءِ (اهو) دروازا ٿي پوندو. ۽ جبل (ذرَ ڪري) هلائبا.

الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ﴿٢٠﴾ إِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ﴿٢١﴾ لِّلطَّاغِينَ

جبل پوءِ ٿي پوندا رُج. بيشڪ جهنم هوندو گهات. هٺيلن جي لاءِ

پوءِ رڃ وانگر ٿيندا. بيشڪ دوزخ انتظار ڪرڻ وارو آهي. جو هٺيلن جو (اهوئي) رهڻ جو هنڌ آهي.

مَآبًا ﴿٢٢﴾ لَّابِثِينَ فِيهَا أَحْقَابًا ﴿٢٣﴾ لَّا يَذُوقُونَ فِيهَا بَرْدًا وَلَا شَرَابًا ﴿٢٤﴾

جڳهه، رهندا ان ۾ زمانا. نہ چکندا اتي ٿڌاڻ ۽ نڪو پاڻي،

منجهس ڪيئي (زمانا) ڍگهيون مدتون رهندا. ان ۾ نڪا ٿڌائي ۽ نڪا پيئڻ جي شيء چکندا.

إِلَّا حَمِيمًا وَغَسَّاقًا ﴿٢٥﴾ جَزَاءً وِفَاقًا ﴿٢٦﴾ إِنَّهُمْ كَانُوا لَا يَرْجُونَ

مگر ڪوسو پاڻي ۽ پُونءِ، (عملن جو) بدلو پورو. بيشڪ اهي نہ ڊڄندا هئا

تتي پاڻيءَ ۽ رَوڳ کان سواءِ. (اِهو سندن) پورو پورو بدلو آهي. ڇو تہ اهي حساب ڏيڻ جي اميد نہ رکندا هئا.

حِسَابًا ﴿٢٧﴾ وَكَذَّبُوا بِآيَاتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٨﴾ وَكُلَّ شَيْءٍ أَحْصَيْنَاهُ كِتَابًا ﴿٢٩﴾

حساب ڏيڻ کان، ۽ ڪوڙو ڪيائون اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڇئي، ۽ هر شيء ڳڻيوسون ان کي لکي ڪري،

۽ اسان جي حڪمن کي بلڪل ڪوڙو پائيندا هئا. ۽ سڀ شيء کي لکي ڳڻي ڇڏيو اٿون.

فَذُوقُوا فَلَن نَّزِيدَكُمْ إِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾ إِنَّ لِلْمُتَّقِينَ مَفَازًا ﴿٣١﴾

پوءِ چکو جو نہ وڌائيندا سون اوهان تي مگر عذاب. بيشڪ پرهيزگارن لاءِ آهي مراد حاصل.

پوءِ (ڇئبن تہ اها سزا) چکو جو عذاب کان سواءِ اوهان تي (ٻيو) ڪجهه (بہ) نہ وڌائينداسون. بيشڪ پرهيزگارن لاءِ ڪاميابي آهي.

حَدَائِقَ وَأَعْنَابًا ﴿٣٢﴾ وَكَوَاعِبَ أَتْرَابًا ﴿٣٣﴾ وَكَأْسًا دِهَاقًا ﴿٣٤﴾

باغ ۽ انگور. ۽ نوجوان عورتون هڪ جيڏيون، ۽ پيالا پربل.

جو باغ ۽ انگور، ۽ هم عمر نوجوان زالون. ۽ شراب جا ڇلڪندڙ پيالا (هوندا).

لَّا يَسْمَعُونَ فِيهَا لَغْوًا وَلَا كِذَّابًا ﴿٣٥﴾ جَزَاءً مِّن رَّبِّكَ عَطَاءً حِسَابًا ﴿٣٦﴾

نہ ٻڌندا اتي بڪواس ۽ نڪي ڪوڙو چوڻ. اهو بدلو تنهنجي پالڻهار کان ملندو پورو.

اتي نہ ڪا اجائي بڪ ۽ نہ ڪو ڪوڙ ٻڌندا. (اهو پورو) بدلو تنهنجي پالڻهار کان انعام عطا ڪيل حساب روءِ آهي.

رَّبِّ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمَٰنِ لَا يَمْلِكُونَ مِنْهُ

جو پالڻهار آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ ان جو جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي اهو ٻاجهارو آهي نہ ٿا سگهہ رکن ان سان

جو آسمان ۽ زمين جو ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن جو بہ ٻاجهارو پالڻهار آهي، ان (جي هيبت) کان ڪوبہ ورندي ڏئي نہ سگهندو.

خِطَابًا ﴿٣٧﴾ يَوْمَ يَقُومُ الرُّوحُ وَالْمَلَائِكَةُ صَفًّا ۖ لَّا يَتَكَلَّمُونَ إِلَّا

ڳالهائڻ جي. جنهن ڏينهن بيهندو روح ۽ ملائڪ قطار ڪري، نہ ڳالهائي سگهندا مگر

جنهن ڏينهن روح (جبريل) ۽ (سيئي) ملائڪ صفون ٻڌي بيهندا، (تنهن ڏينهن) جنهن کي ٻاجهاري (الله) موڪل

-ع٢-

مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ

اجازت ڏئي جنهنکي مالڪ مهربان ۽ ڳالهائي سڌو. اهو ڏينهن حق آهي، پوءِ جيڪو

ڏني هوندي ۽ صحيح ڳالھ ڳالهائي هونداٸين، تنهن کان سواءِ (ٻيو ڪي بہ) نہ ڳالهائيندا. اهو ڏينهن سچ پچ (ٺيڪ) آهي، تنهن ڪري جيڪو

شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ﴿٣٩﴾ اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا ۖ ۚ يَّوْمَ

چاهي ٺوئي پنهنجي پاليندڙوٽ جاءِ بيشڪ اسان ڊيڄاريو توهان کي عذاب ويجهي کان، جنهن ڏينهن

گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن (پنهنجي) رهڻ جو هنڌ ٺاهي. بيشڪ اسان اوهان کي ويجهي عذاب (اچڻ) کان ڊيڄاري چڪاسون. جنهن ڏينهن

يَّنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ﴿٤٠﴾ ع ٢ ٢

ڏسندو ماڻهو جيڪي موڪليو ان جي هٿن ۽ چوندو ڪافر هاءِ افسوس جيڪر هجان ها متي.

ماڻهو اهو ڏسندو جيڪي سندس ٻنهي هٿن اڳي ڪري موڪليو هو. ۽ ڪافر چوندو تہ هئہ ارمان! جيڪر آءٌ متي هجان ها (تہ چڱو).

سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ — اٰيَاتُهَا ٤٦ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا ﴿١﴾ وَّالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا ﴿٢﴾ وَّالسّٰبِحٰتِ سَبْحًا ﴿٣﴾

قسم آهي ڇڪي ڪيندڙن جو ٻُڏي هٽي، ۽ سولي ساھ ڪيندڙن جو نرم ٿي، ۽ ترندڙ ملائڪن جو جلدي تري،

اندر گهڙي (ساھ) ڇڪي آڻيندڙن (ملائڪن) جو قسم آهي. ۽ کولي آسانيءَ سان (ساھ جي) ڳنڍ ڇوڙيندڙن جو قسم آهي. ۽ چڱيءَ طرح سان ترندڙن جو قسم آهي.

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ﴿٤﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ﴿٥﴾ يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ﴿٦﴾ وقف لازم

پوءِ اڳرائي ڪندڙن جو اڳتي وڌي، پوءِ ٺاھ جوڙ ڪندڙن جو هر ڪم ڪي. جنهن ڏينهن ڏڏندي ڏڏڻ واري،

پوءِ ڊوڙي اڳرائي ڪندڙن جو قسم آهي. پوءِ (سڀ) ڪم جي رٿيندڙن (ملائڪن جي) ٽولين جو قسم آهي. تہ جنهن ڏينهن ڏهڻ واري ڏهندي.

تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ﴿٧﴾ قُلُوْبٌ يَّوْمَئِذٍ وَّاجِفَةٌ ﴿٨﴾ اَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ ﴿٩﴾ وقف لازم

پٺيان ايندس ٻي اچڻ واري. دليون تنهن ڏينهن ڏڙڪندڙ هونديون، اکيون انهن جون هيٺ هونديون.

اُن کي پٺيان لڳندڙ (ٻيو ڏوڏو) پٺيان لڳندو. تنهن ڏينهن ڪيترين ئي دليون ڏکي وڃڻ واريون هونديون. اُنهن جون اکيون (خواريءَ سبب) جهڪيون هونديون.

يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِى الْحَافِرَةِ ﴿١٠﴾ ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا

اهي ٿا چون ڇا اسين موٽايا وينداسون ساڳيءَ حالت ۾. ڇا جڏهن ٿينداسون اسان هڏا

(هن ڪري تہ) چون ٿا تہ اسين پوئين پيرين موٽائباسون ڇا؟ ڀلا جڏهن ڀُتا هڏا ٿينداسون (تڏهن وري جيئنداسون ڇا؟)

نَّخِرَةً ﴿١١﴾ قَالُوْا تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ﴿١٢﴾ فَاِنَّمَا هِىَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ وقف لازم

پراڻا؟ چيائون اهو تنهن وقت موٽڻ نقصان وارو آهي. پوءِ رڳو اها هڪل هڪڙي ٿيندي،

چوندا آهن تہ انهيءَ مهل اِهو ڀيهر موٽڻ (وڏو) نقصان وارو آهي. پوءِ اِهو (واقعو) هڪڙي سخت هڪل آهي.

وقف لازم

فَاِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ ؕ (١٤) هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ۘ (١٥) اِذْ نَادٰىهُ

تہ اوچتو اهي ميدان ۾ هوندا. چا آئي تو وٽ خبر موسىٰ جي. جڏهن سڏيس

پوءِ اُتي جو اُتي اهي هڪ پٽري ميدان ۾ حاضر ٿيل هوندا. (اي پيغمبر!) تو وٽ موسىٰ جي خبر پهتي آهي چا؟ جڏهن سندس

رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ۚ (١٦) اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۖ (١٧)

سندس پالڻهار پاڪ ميدان طويٰ ۾. تہ وڃ فرعون ڏانهن اهو حد لنگهي ويو آهي،

پالڻهار کيس پاڪ ميدان طويٰ ۾ سڏيو. تہ فرعون ڏانهن وڃ! چو تہ هو حد کان لنگهيو آهي.

فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰۤى اَنْ تَزَكّٰى ۙ (١٨) وَاَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى ۚ (١٩)

پوءِ چويس چا توکي آهي ارادو سڌرڻ جو؟ ۽ آءٌ رستو ڏيکاريان توکي تنهنجي رب جو پوءِ تون ڊڄين؟

پوءِ (اُن کي) چئُو تہ هن ڏانهن (ڪجهہ) خيال اٿيئي تہ سڌرجين؟ ۽ تنهنجي پالڻهار ڏانهن توکي (سڌو) رستو ڏيکاريان تہ (تون ان کان) ڊڄين.

فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰى ۖ (٢٠) فَكَذَّبَ وَعَصٰى ۖ (٢١) ثُمَّ اَدْبَرَ يَسْعٰى ۖ (٢٢)

پوءِ ڏيکاريائين ان کي نشاني وڏي. پوءِ ڪوڙو ڄاتائين ۽ چيو نہ ورتائين. پوءِ پٺيرو ٿي تڪڙو هليو.

پوءِ فرعون کي وڏي نشاني ڏيکاريائين. پوءِ (فرعون موسىٰ کي) ڪوڙو ڄاتيو ۽ نافرماني ڪيائين. وري (اُتان) پٺيرو ٿي تکو هلڻ لڳو.

فَحَشَرَ فَنَادٰى ۖ (٢٣) فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ۖ (٢٤) فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ

پوءِ ماڻهو گڏ ڪيائين، پوءِ پڪاريائين، ۽ چيائين: آءٌ آهيان رب توهان جو مٿاهون. پوءِ پڪڙيو ان کي الله سزا

پوءِ (پنهنجيءَ قوم کي) گڏ ڪيائين، پوءِ پڙهو ڏنائين. پوءِ چيائين تہ آءٌ اوهان جو تمام مٿاهون رب آهيان. پوءِ الله ان کي

ع ٤٢/١

الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ؕ (٢٥) اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ؕع (٢٦) ءَاَنْتُمْ

آخرت ۽ دنيا جي سان. بيشڪ ان ۾ عبرت آهي انهيءَ لاءِ جيڪو خوف رکي. چا اوهان

آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ پڪڙيو. بيشڪ هن (قصي) ۾ انهيءَ لاءِ نصيحت آهي، جيڪو ڊڄي. ڀلا ٺاوت ۾ وڌيڪ ڏکيا اوهين آهيو

اَشَدُّ خَلْقًا اَمِ السَّمَآءُ ؕ بَنٰىهَا (٢٧) وقفة رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا ۙ (٢٨) وَ

ڏکيا آهيو پيدا ڪرڻ ۾ يا آسمان جهنکي ٺاهيائين؟ مٿي ڪيائين ڇت انجي پوءِ سڌو ڪيائين. ۽

يا آسمان؟ جنهن کي الله بڻايو. اُن جي ٿولهہ بلند ڪيائين، پوءِ ان کي برابر بيهاريائين. ۽ ان جي

اَغْطَشَ لَيْلَهَا وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا ۖ (٢٩) وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ؕ (٣٠)

انڌيري ڪيائين رات ان جي ۽ ڪڍيائين اس ان جي، ۽ زمين کي ان کان پوءِ وڇايائين.

رات کي اونداهو ڪيائين ۽ اُن جو سوجهرو (ڏينهن جو) پڌرو ڪيائين. ۽ ان کان پوءِ زمين کي وڇايائين.

اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا ۖ (٣١) وَالْجِبَالَ اَرْسٰىهَا ۙ (٣٢) مَتَاعًا لَّكُمْ

ڪڍيائين ان مان پاڻي ۽ گاهہ ان جو، ۽ جبلن کي کوڙيائين، تہ گذران ٿئي توهان جو

ان مان سندس پاڻي ۽ سندس گاهہ ڪڍيائين. ۽ جبلن کي مضبوط کوڙيائين. اوهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن

وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٣﴾ فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ﴿٣٤﴾ يَوْمَ يَتَذَكَّرُ

۽ توهان جي جانورن جو. وري جڏهن ايندو هنگامو وڏو. تنهن ڏينهن ساريندو

(جي نفعي) لاءِ. پوءِ جڏهن وڏو واقعو (قيامت جو) ايندو. ان ڏينهن ماڻهو اهو ياد ڪندو

الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى ﴿٣٥﴾ وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى ﴿٣٦﴾ فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿٣٧﴾

انسان پنهنجي ڪمائي، ۽ ظاهر ڪيو ويندو دوزخ ڏسڻ واري لاءِ. پوءِ جيڪو حد لنگهيو.

جيڪي (دنيا ۾) ڪمايو هيائين. ۽ دوزخ انهيءَ لاءِ پڌرو ڪبو جيڪو ڏسڻ گهرندو، پوءِ جيڪو حد کان لنگهيو هوندو.

وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾ وَاَمَّا مَنْ

۽ پلو ڇاتائين حياتي دنيا جي کي. پوءِ بيشڪ دوزخ ئي رهڻ جي جاءِ آهي. ۽ جيڪو

۽ هن دنيا حياتيءَ کي اختيار ڪيو هوندائين. تنهن جي جاءِ بيشڪ دوزخ آهي. ۽ جيڪو پنهنجي

خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ

ڊنو پنهنجي رب جي آڏو بيهڻ کان ۽ جهليائين نفس کي سڌ کان، پوءِ بيشڪ جنت ئي

پالڻهار جي (حضور ۾) روبرو بيهڻ جي هنڌ کان ڊنو ۽ نفس کي (هر) خواهش کان جهليائين. پوءِ تنهن جي جاءِ بيشڪ

هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٤١﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ﴿٤٢﴾ فِيْمَ اَنْتَ

رهڻ جي جاءِ اٿس. (اي نبي) توکان پڇن ٿا قيامت جو ته ڪڏهن بيهندي؟ ڇاڪاڻ آهين تون

بهشت آهي. (اي پيغمبر!) توکان قيامت بابت پڇن ٿا ته ان جو (واقعو) ٿيڻ ڪڏهن آهي؟ (اي پچندڙ!) ان جي خبر بابت تون

مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿٤٣﴾ اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰهَا ﴿٤٤﴾ اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا ﴿٤٥﴾

ان جي ڳالهه ۾. تنهنجي رب وٽ آهي آخري ڄاڻ انهي جي. رڳو تون ڊيڄاريندڙ آهين ان کي جو ڊڄي انهيءَ کان.

ڪهڙي خيال ۾ آهين؟ ان جي پڄاڻيءَ (جي خبر) تنهنجي پالڻهار وٽ آهي. جيڪو قيامت کان ڊڄي رڳو تنهن لاءِ تون (اي پيغمبر!) ڊيڄاريندڙ آهين.

كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿٤٦﴾

ڄڻ اهي جنهن ڏينهن ڏسندا انکي نه رهيا هئا مگر ڪا شام يا ان جو صبح.

جنهن ڏينهن ان کي ڏسندا (تنهن ڏينهن) ائين ڀائيندا ته ڄڻڪ هڪڙي وقت سنجهي يا ان جي صبح کان سواءِ (دنيا ۾) رهيائي نه هيا.

سُوْرَةُ عَبَسَ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٤٢ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

عَبَسَ وَتَوَلّٰٓى ﴿١﴾ اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى ﴿٢﴾ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ يَزَّكّٰٓى ﴿٣﴾

گهنجُ وڌائين ۽ منهن موڙيائين، جو آيو وٽس انڌو. ۽ ڇا خبر توکي شايد اهو سڌري پوي،

منهن ۾ گهنج وڌائين ۽ منهن موڙيائين. هن ڪري جو وٽس هڪ نابين آيو. ۽ ڪنهن سمجهايئي جيڪر اهو سڌرجي ها!

اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى ﴿٤﴾ اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ﴿٥﴾ فَاَنْتَ لَهٗ

يا ڏيان ڪري تہ پوءِ نفعو ڏي انهيءَ ڪي نصيحت. پر جنهن بي پرواهي ڪئي. پوءِ تون ان جي

يا نصيحت ٻڌي ها، پوءِ اها نصيحت ٻڌڻ نفعو ڏئيس ها. پر جنهن بي پرواهي ڪئي. پوءِ تنهن (جي سڌاري) لاءِ تون

تَصَدّٰى ﴿٦﴾ وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْ جَآءَكَ يَسْعٰى ﴿٨﴾

پويان آهين. ۽ ناهي (بار) توتي جي اهو نہ سڌري. ۽ پر جيڪو آيو تو وٽ ڊوڙندو.

پٺيان پيو آهين. هن ۾ توتي (ڪا ميار) ڪانهي تہ اهو نہ سڌري. ۽ پر جيڪو تو وٽ ڊوڙندو آيو.

وَهُوَ يَخْشٰى ﴿٩﴾ فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ﴿١٠﴾ كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١١﴾ فَمَنْ

۽ اهو ڊڄي پيو. پوءِ تون اِن ڪان لهرائين ٿو. ائين نہ ڪجي اهي (آيتون) نصيحت آهن. پوءِ جيڪو

۽ اهو (پنهنجي الله ڪان) ڊڄندو آهي. پوءِ تنهن ڪان تون غافل ٿئين ٿو. ائين نہ آهي، بيشڪ اهي (قرآن جون آيتون) هڪ نصيحت آهي. پوءِ جيڪو

شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿١٢﴾ فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ﴿١٣﴾ مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍۭ ﴿١٤﴾ بِاَيْدِيْ

گهري تہ ياد ڪري ان ڪي آهن ورقن عزت وارن ۾، وڏي شان واريون پاڪ آهن، اهڙن لکندڙن جي

گهري سو ان (قرآن) ڪي ياد ڪري. (بيشڪ قرآن جون آيتون) تعظيم وارن ورقن ۾ (لکيل) آهن. جي مٿاهان ۽ پاڪ آهن. لکندڙن جي هٿن ۾.

وقف لازم

سَفَرَةٍ ﴿١٥﴾ كِرَامٍۭ بَرَرَةٍ ﴿١٦﴾ قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ ﴿١٧﴾ مِنْ اَيِّ

هٿن ۾. جو ڀلاين وارا ۽ تابعدار آهن. مار پوي انسان ڪي ڪيڏو بي شڪر آهي. ڪهڙي

جي سڳورا ڀلارا آهن. مار پئي انسان تي! ڪهڙو نہ بي شڪر آهي!. (ڏيان ڪري تہ الله) ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيس؟

شَيْءٍ خَلَقَهٗ ﴿١٨﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ ؕ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ﴿١٩﴾ ثُمَّ السَّبِيْلَ

شيءِ مان خلقيائين انکي. مني جي قطري مان، ان ڪي پيدا ڪيائين پوءِ ماپي ٺاهيائين، پوءِ (اچڻ جو) دڳ

منيءَ جي هڪ ڦيپي مان خلقيائينس، پوءِ (وڏي ٿيڻ جو) اندازو مقرر ڪيائينس. وري (نڪرڻ جي) واٽ سنهنجي ڪيائينس.

يَسَّرَهٗ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿٢١﴾ ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ﴿٢٢﴾ كَلَّا لَمَّا

سولو ڪيائينس، پوءِ ماريائين ان ڪي پوءِ قبر ڪيائين ان جي، پوءِ جڏهن گهرندو تہ ان ڪي اٿاريندو. خبردار نہ

وري ماريائينس، پوءِ قبر ۾ رکيائينس. وري جڏهن گهرندو تڏهن ان ڪي جيئرو ڪندو. ائين نہ آهي،

يَقْضِ مَآ اَمَرَهٗ ﴿٢٣﴾ فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ اِلٰى طَعَامِهٖٓ ﴿٢٤﴾ اَنَّا صَبَبْنَا

پورو ڪيائين جيڪي چيائينس، پوءِ ڀل نهاري ماڻهو پنهنجي کاڌي ڏانهن. بيشڪ اسان پر ٿيوسون

جيڪو فرمايائينس سو پورو نہ ڪيائين، پوءِ جڳائي تہ ماڻهو پنهنجي کاڌي ڏانهن نهاري ڏسي. تہ اسان پاڻيءَ ڪي

الْمَآءَ صَبًّا ﴿٢٥﴾ ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾ فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾

پاڻي آسمان مان، پوءِ چيريوسون زمين ڪي ڏاري، پوءِ ڦٽايا سون ان مان اَنُ،

چڱيءَ طرح (آسمان ڪان) پلٽيو. وري زمين ڪي پوريءَ طرح چيريوسون. پوءِ منجهس اَن ڄمايوسون.

وَّعِنَبًا وَّقَضْبًا ﴿٢٨﴾ وَّزَيْتُوْنًا وَّنَخْلًا ﴿٢٩﴾ وَّحَدَآئِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾ وَّفَاكِهَةً

۽ انگور ۽ سبزيون. ۽ زيتون ۽ کجيون. ۽ باغ گهاٽا. ۽ ميوا

۽ انگور ۽ ترڪاريون. ۽ زيتون ۽ کجيون. ۽ گهاٽا باغ. ۽ ميوو ۽ (وهٽن جو)

وَّاَبًّا ﴿٣١﴾ مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٢﴾ فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿٣٣﴾

۽ ويءُ. توهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن لاءِ. پوءِ جڏهن ايندي هڪل.

گاهه (بہ). اوهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن (جي نفعي) لاءِ. پوءِ جڏهن ڪن ٻوڙا ڪندڙ (دهشت واري) هڪل ايندي.

يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿٣٤﴾ وَاُمِّهٖ وَاَبِيْهِ ﴿٣٥﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَ

انهيءَ ڏينهن ڀڄندو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ ڪان. ۽ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ ڪان. ۽ پنهنجي زال ۽

انهيءَ ڏينهن ماڻهو پنهنجي ڀاءُ ڪان ڀڄندو. ۽ (پڻ) پنهنجيءَ ماءُ ڪان ۽ پنهنجي پيءُ ڪان. ۽ پنهنجيءَ گهرواريءَ ڪان ۽

بَنِيْهِ ﴿٣٦﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿٣٧﴾ وُجُوْهٌ

پٽ ڪان. هر ڪنهن ماڻهوءَ جو انهن مان تنهن ڏينهن اهڙو حال ٿيندو جو رجهائيندو انکي. ڪيترا چهرا

پنهنجن پٽن ڪان ڀڄندو. اُنهن مان سڀڪنهن مڙس لاءِ اُن ڏينهن اهڙي حالت هوندي جو ڪيس بس هوندي. ڪيترائي مُنهن

يَّوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ

تنهن ڏينهن چمڪندڙ. کلندڙ خوش ٿيندڙ هوندا. ۽ ڪي منهن هوندا ان ڏينهن

ان ڏينهن روشن هوندا. کلندڙ ۽ (تمام) سرها هوندا. ۽ ڪيترائي مُنهن (هوندا)

عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾ ع ٢٢

جن تي ڇائي هوندي، ويڙهي ويندي انهنکي ڪارنهن. اُهي ئي منڪر بدڪار آهن.

جن تي اُن ڏينهن رئي پيل هوندي. جن کي ڪارنهن ويڙهي ويندي. اِهي ئي منڪر بدڪار آهن.

سُوْرَةُ التَّكْوِيْر مَكِّيَّة — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٢٩ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿١﴾ وَاِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ﴿٢﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ

جڏهن سج بي نور ٿيندو، ۽ جڏهن ستارا ميرا ٿيندا، ۽ جڏهن جبل

جڏهن سج ويڙهبو. ۽ جڏهن تارا ميرا ٿيندا. ۽ جڏهن جبل هلايا ويندا.

سُيِّرَتْ ﴿٣﴾ وَاِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ﴿٤﴾ وَاِذَا الْوُحُوْشُ حُشِرَتْ ﴿٥﴾

هلايا ويندا، ۽ جڏهن ڏاچيون ڏکيون ويم تي ڇڙواڳ ڇڏبيون، ۽ جڏهن جناور گڏ ڪيا ويندا.

۽ جڏهن ڏکيون ڏاچيون بيڪار ڇڏبيون. ۽ جڏهن جهنگلي جانور گڏ ڪبا. ۽

وَاِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ﴿٦﴾ وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ ﴿٧﴾ وَاِذَا الْمَوْءٗدَةُ

۽ جڏهن درياءَ ڀڙڪايا ويندا ۽ جڏهن ساهه بدن سان جوڙبا، ۽ جڏهن جيئري پوريل ڌيءَ کان

جڏهن درياءَ (باهه وانگر) تپائبا. ۽ جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ ملائبا. ۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇبي.

سُئِلَتْ ﴿٨﴾ بِاَيِّ ذَنْۢبٍ قُتِلَتْ ﴿٩﴾ وَاِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ﴿١٠﴾ وَاِذَا

پڇا ٿيندي، تہ ڪهڙي ڏوهہ ڪري ماري وئي؟ ۽ جڏهن اعمالناما پکيڙيا ويندا، ۽ جڏهن

تہ ڪهڙي ڏوهہ ڪري ماري ويئي؟ ۽ جڏهن اعمالناما کولبا. ۽ جڏهن

السَّمَآءُ كُشِطَتْ ﴿١١﴾ وَاِذَا الْجَحِيْمُ سُعِّرَتْ ﴿١٢﴾ وَاِذَا الْجَنَّةُ اُزْلِفَتْ ﴿١٣﴾

آسمان ڇليو ويندو، ۽ جڏهن دوزخ ٻاريو ويندو. ۽ جڏهن بهشت ويجهو ڪيو ويندو،

آسمان ڇلبو. ۽ جڏهن دوزخ ڀڙڪائبو. ۽ جڏهن بهشت ويجهو ڪبو. (تڏهن) هرهڪ

عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ اَحْضَرَتْ ﴿١٤﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ﴿١٥﴾ الْجَوَارِ

تڏهن ڄاڻندو هر ماڻهو جيڪي عمل آندائين. پوءِ قسم آهي پٺتي هٽندڙن، سڌو هلندڙن

ماڻهو جيڪي حاضر ڪيو سو ڄاڻندو. پوئتي هٽندڙن تارن جو قسم کڻان ٿو. جي (ڪڏهن) سڌا هلندڙ آهن. (ڪڏهن) لڪي

الْكُنَّسِ ﴿١٦﴾ وَالَّيْلِ اِذَا عَسْعَسَ ﴿١٧﴾ وَالصُّبْحِ اِذَا تَنَفَّسَ ﴿١٨﴾ اِنَّهٗ

لڪندڙ ستارن جو، قسم آهي رات جو جڏهن اونده ٿي ڪري، ۽ صبح جو جڏهن پڌرو ٿئي، تہ بيشڪ

ويندڙ آهن. ۽ قسم آهي رات جو جڏهن پوئتي موٽندي آهي. ۽ قسم آهي صبح جو جڏهن ڦٽندو آهي. تہ بيشڪ اهو (قرآن)

لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿١٩﴾ ذِىْ قُوَّةٍ عِنْدَ ذِى الْعَرْشِ مَكِيْنٍ ﴿٢٠﴾

اهو ڪلام آهي قاصد ڀلي جو، جو طاقتور آهي عرش جي مالڪ (الله) وٽ وڏي عزت وارو،

هڪ موڪليل سڳوري (ملائڪ) جو پيغام ڏيڻ آهي. جو سگهہ وارو عرش جي مالڪ (الله) وٽ وڏي مرتبي وارو آهي.

مُّطَاعٍ ثَمَّ اَمِيْنٍ ﴿٢١﴾ وَمَا صَاحِبُكُمْ بِمَجْنُوْنٍ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ

مڃوتي وارو آهي اتي امانت وارو آهي. ۽ ناهي صاحب اوهان جو (محمد ﷺ) ديوانو. ۽ البت ڏٺائين انکي

جو مڃوتيءَ وارو اتي (ملڪوت ۾) امين آهي. ۽ (هيءُ) اوهان جو سنگتي (محمد ﷺ کو) چريو نہ آهي. ۽ بيشڪ (اوهان جي سنگتيءَ) ان

بِالْاُفُقِ الْمُبِيْنِ ﴿٢٣﴾ وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿٢٤﴾ وَمَا هُوَ

اڀ جي ڪناري چٽي تي. ۽ ناهي اهو ڳجهي خبر تي بخيلي ڪندڙ. ۽ نہ آهي اهو

(ملائڪ) کي آسمان جي پڌري ڪناري تي (چٽائي) ڏٺو آهي. ۽ اهو (اوهان جو سنگتي) ڳجهہ (جي ڳالهہ ڏسڻ) تي بخل ڪندڙ نہ آهي. ۽ اهو (قرآن)

بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿٢٥﴾ فَاَيْنَ تَذْهَبُوْنَ ﴿٢٦﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ

ڪلام ڪنهن شيطان تڙيل جو، پوءِ ڪيڏانهن ٿا وڃو. رڳو اها سمجهاڻي آهي

تڙيل شيطان جو ڪلام نہ آهي. پوءِ ڪيڏانهن وڃو ٿا؟ هيءُ (قرآن) جهان وارن جي نصيحت کان سواءِ (ٻيو) ڪجهہ نہ آهي.

لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٧﴾ لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّسْتَقِيْمَ ﴿٢٨﴾ وَمَا تَشَآءُوْنَ

جهان وارن لاءِ. انهيءَ لاءِ جيڪو گهري توهان مان ته سڌو هلي. ۽ نه ٿا گهرو

اوهان مان جيڪو سڌو هلڻ گهري تنهن لاءِ آهي. ۽ جهانن جي پالڻهار الله جي گهر کان سواءِ

اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٩﴾ ع ٢٩/٢

مگر جيڪي گهري الله پاليندڙ جهانن جو.

(ٻيو) ڪجهه اوهين گهري نه سگهندؤ.

سُوْرَةُ الْاِنْفِطَارِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٩ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِذَا السَّمَآءُ انْفَطَرَتْ ﴿١﴾ وَاِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ ﴿٢﴾ وَاِذَا الْبِحَارُ

جڏهن آسمان ڦاٽندو ۽ جڏهن تارا ڇڻي پوندا، ۽ جڏهن سمنڊ اُٿل

جڏهن آسمان ڦاٽندو. ۽ جڏهن تارا ڇڻي پوندا. جڏهن سمنڊ تمام جوش سان وهائبا.

فُجِّرَتْ ﴿٣﴾ وَاِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ ﴿٤﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَ

کائيندو، ۽ جڏهن قبرون اکيڙيون وينديون، تڏهن ڄاڻي وٺندو سڀ ڪو جيڪي اڳتي موڪليائين يا

۽ جڏهن قبرون پٽبيون. (تڏهن) سيڪو شخص ڄاڻندو جيڪي اڳي موڪليو هيائين

اَخَّرَتْ ﴿٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ﴿٦﴾ الَّذِىْ

رهائي آيو. اي انسان ڪنهن ٺڳيو توکي پنهنجي رب ڪريم کان؟ جنهن

۽ جيڪي پوئتي ڇڏيو هيائين. اي انسان! توکي تنهنجي (انهيءَ) سگهوري پالڻهار کان ڪهڙيءَ شيءِ ٺڳيو؟ جنهن

خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ﴿٧﴾ فِىْۤ اَىِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ﴿٨﴾

پيدا ڪيو توکي پوءِ سنئون ٺاهيائين توکي پوءِ برابر ڪيائين توکي، جهڙي شڪل ۾ چاهيائين جوڙيائين توکي.

توکي پيدا ڪيو پوءِ توکي سنئين لڳين ڪيائين، پوءِ توکي برابر ڪيائين، جهڙيءَ صورت ۾ گهريائين (تهڙيءَ ۾) تنهنجي جوڙ جوڙيائين.

كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ﴿٩﴾ وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿١٠﴾ كِرَامًا

خبردار پر توهان ڪوڙو ٿا ڀانيو حساب ڏيڻ کي، ۽ بيشڪ توهان تي سنڀاليندڙ آهن. ڀلارا

ائين نه آهي، بلڪ اوهين عملن جي جزا ڏيڻ کي ڪوڙ ڀائيندا آهيو. ۽ بيشڪ اوهان تي نگهبان (مقرر ٿيل) آهن. سگهورا،

كَاتِبِيْنَ ﴿١١﴾ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿١٢﴾ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِىْ نَعِيْمٍ ﴿١٣﴾ وَّ

عملن لکڻ وارا. اهي ڄاڻن ٿا جيڪي ڪريو ٿا. بيشڪ نيڪوڪار جنت ۾ هوندا. ۽

لکڻ وارا. جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو ڄاڻندا آهن. بيشڪ ڀلارا (بهشت جي) نعمت ۾ هوندا. ۽

إِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ﴿١٤﴾ يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿١٥﴾ وَمَا هُمْ عَنْهَا

بدڪار دوزخ ۾ هوندا. گهڙندا ان ۾ حساب جي ڏينهن. ۽ نه هوندا ان ڪان

بيشڪ گنهگار دوزخ ۾ هوندا. عملن جي بدلي جي ڏينهن دوزخ ۾ داخل ٿيندا. ۽ ان ڪان اُهي لڪل نه هوندا.

بِغَآئِبِيْنَ ﴿١٦﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٧﴾ ثُمَّ مَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ

لڪي ويندڙ. (اي نبي) ۽ ڇا خبر توکي ته ڇاهي حساب جو ڏينهن، وري (پڪ) ڇا خبر توکي ڇاهي حساب جو

۽ ڪنهن سمجهايئي ته عملن جي بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ وري (به چئون ٿا ته) ڪنهن سمجهايئي ته عملن جي بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟

الدِّيْنِ ﴿١٨﴾ يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْئًا ۭ وَالْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ﴿١٩﴾

ڏينهن جنهن ڏينهن نه ڪري سگهندو ڪوئي ڪنهن لاءِ ڪجهه به. ۽ حڪم ان ڏينهن الله جو هوندو.

اهو هڪ ڏينهن آهي جو ڪو جيءُ ڪنهن جيءَ کي ڪجهه فائدو پهچائي نه سگهندو ۽ ان ڏينهن (سڄي) حڪومت خاص الله جي هوندي.

سُوْرَةُ الْمُطَفِّفِيْنَ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٣٦ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ﴿١﴾ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ﴿٢﴾

تباهي آهي تور ماپ ۾ ڪوٽ ڪندڙن لاءِ، اهي جڏهن مَئي وٺن ٿا ماڻهن ڪان ته پورو ٿا وٺن،

(تور ۽ ماپ) اُنهن گهٽ ڪري ڏيندڙن لاءِ ويل آهي. جي جڏهن (پاڻ ۾) ماڻهن ڪان مئي وٺندا آهن. تڏهن بلڪل پورو ڪري وٺندا آهن.

وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ﴿٣﴾ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ

۽ جڏهن ماپي ٿا ڏين انهنکي يا توري ته ڪوتو ٿا ڏين. ڇا نه ٿا خيال ڪن اهي ته ضرور ڪين

۽ جڏهن انهن کي مئي ڏيندا آهن يا کين توري ڏيندا آهن (تڏهن) گهٽائي ڏيندا آهن. اِهي يقين نه ٿا ڪن ڇا ته کين (ضرور) اٿاربو؟

مَّبْعُوْثُوْنَ ﴿٤﴾ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥﴾ يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦﴾

اٿاريو ويندو. ڏينهن وڏي ۾، جنهن ڏينهن بيهندا ماڻهو رب العالمين جي آڏو.

اُنهيءَ وڏي ڏينهن لاءِ، جنهن ڏينهن ماڻهو جهانن جي پالڻهار اڳيان اٿي بيهندا.

كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ﴿٧﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ ﴿٨﴾

خبردار بيشڪ بندي بدڪارن جي سجين ۾ آهي. ۽ ڇا خبر توکي ته ڇا آهي سجين.

سچ آهي ته بيشڪ بدڪارن جو اعمالنامو سجين ۾ آهي. ۽ ڪنهن سمجهايئي ته سجين ڇا آهي؟

كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿٩﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٠﴾ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ

اهو آهي دفتر لکيل. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. اهي ڪوڙو ٿا ڪن

هڪ لکيل دفتر آهي. ان ڏينهن (انهن) ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي. جيڪي عملن جي بدلي جي ڏينهن کي

بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿١١﴾ وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ﴿١٢﴾ اِذَا

ڏينهن انصاف جي کي. ۽ نہ ٺوڪوڙو ڪري ان کي مگر هر حدلتاڙيندڙ ڏوهاري، جڏهن

ڪوڙ پائيندا آهن. ۽ ان کي سيڪنهن حد کان لنگهندڙ گنهگار کان سواءِ (ٻيو) ڪو ڪوڙ نہ پائيندو. جڏهن

تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾ كَلَّا بَلْ سكتة رَانَ

پڙهي ٻڌائجن ٿيون ان کي آيتون اسانجون چئي ٿو اهي آهن آڪاڻيون اڳين جون. ائين نہ آهي پر ڪٽ ڪئي آهي

اسان جون آيتون ڪيس پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) چوندو آهي تہ (اهي) اڳين جون آڪاڻيون آهن. ائين بلڪل نہ آهي! بلڪ

عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٤﴾ كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ

انهن جي دلين تي سندن ڪرتوتن. خبردار بيشڪ اهي پنهنجي پاليندڙ کان تنهن ڏينهن

جيڪي ڪمائيندا هئا، تنهن جي ڪٽ سندين دلين تي ڄمي وئي آهي. ائين نہ آهي! پنهنجي پالڻهار (جي سامهون اچڻ) کان انهيءَ ڏينهن

لَّمَحْجُوْبُوْنَ ﴿١٥﴾ ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ﴿١٦﴾ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ

روڪيل هوندا. پوءِ اهي داخل ٿيندا دوزخ ۾. پوءِ چيو ويندن هي اهو آهي

روڪيل هوندا. وري بيشڪ اُهي دوزخ ۾ (پر ٻاهرو) گهڙڻ وارا هوندا. وري چئبن تہ هيءُ اُهو دوزخ آهي،

كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٧﴾ كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ ﴿١٨﴾

جنهن کي توهان ڪوڙو پائيندا هئا. خبردار بيشڪ عملنامو ڀلن ماڻهن جو عليين ۾ آهي.

جنهن کي اوهين ڪوڙ پائيندا هيو. سچ آهي تہ بيشڪ ڀلارن جو اعمالنامو عليين ۾ آهي.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ ﴿١٩﴾ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿٢٠﴾ يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢١﴾

(اي نبي!) ۽ ڇا خبر توکي تہ ڇا آهي عليون. اهو آهي دفتر لکيل، جو ڏسن ٿا ان کي ويجها فرشتا.

۽ ڪنهن سمجهايئي تہ عليين ڇا آهي؟ هڪ لکيل دفتر آهي. اُن وٽ (الله جا) مقرب (ملائڪ) حاضر رهندا آهن.

اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ﴿٢٢﴾ عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿٢٣﴾ تَعْرِفُ فِيْ

بيشڪ فرمانبردار هوندا جنت ۾، پلنگن تي ويٺا ڏسندا. تون سمجهي وٺندين انهن جي

بيشڪ ڀلارا (بهشت جي) نعمت ۾ هوندا. پلنگن تي ويهي نظارو پيا ڪندا. (سيني پاسن کان!). سندن منهن مان ئي

وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ﴿٢٤﴾ يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿٢٥﴾ خِتٰمُهٗ

چهرن تي تازگي آرام جي. انهن کي پياريو ويندو مشروب مهر لڳل، جنهن تي مهر هوندي

نعمت جي تازگي پيو معلوم ڪندين. مهر لڳل صاف شراب مان پيو پيارين. جنهن جي مُهر مشڪ جي هوندي

مِسْكٌ ۚ وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَمِزَاجُهٗ مِنْ

مشڪ جي، ۽ ان ۾ ڀل تہ چاهہ ڪن چاهيندڙ. ۽ ان ۾ ملايل آهي

۽ شوقينن کي جڳائي تہ انهيءَ ۾ ئي شوق رکن. ان جي ملاوت تسنيم (جي پاڻيءَ) مان هوندي.

تَسْنِيمٍ ﴿٢٧﴾ عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُونَ ﴿٢٨﴾ إِنَّ الَّذِينَ أَجْرَمُوا

تسنيم، اهو چشمو آهي جو پيئندا ان مان قرب وارا. بيشڪ ڏوهاري (دنيا ۾)

جو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا ويجها (ٻانها) پيئندا. بيشڪ ڏوهاري (دنيا ۾) مؤمنن تي

كَانُوا مِنَ الَّذِينَ آمَنُوا يَضْحَكُونَ ﴿٢٩﴾ وَإِذَا مَرُّوا بِهِمْ يَتَغَامَزُونَ ﴿٣٠﴾

ايمان وارن تي کلون ڪندا هئا. ۽ جڏهن لنگهندا هئا انهن وٽان پاڻ ۾ اکيون هڻندا هئا.

کلندا هئا. ۽ جڏهن وٽانئن لنگهندا هئا، تڏهن (مؤمنن تي حقارت ڪري) هڪ ٻئي کي ميچون ڏيندا هئا.

وَإِذَا انْقَلَبُوا إِلَىٰ أَهْلِهِمُ انْقَلَبُوا فَكِهِينَ ﴿٣١﴾ وَإِذَا رَأَوْهُمْ قَالُوا

۽ جڏهن موٽندا هئا پنهنجي گهر ته ايندا هئا ٺٺوليون ڪندا، ۽ جڏهن ڏسندا هئا انهن کي چوندا هئا

۽ جڏهن پنهنجن گهروارن ڏانهن موٽندا هئا (تڏهن) ڏاڍيون خوشيون ڪندا موٽندا هئا. ۽ جڏهن مؤمنن کي ڏسندا هئا

إِنَّ هَٰؤُلَاءِ لَضَالُّونَ ﴿٣٢﴾ وَمَا أُرْسِلُوا عَلَيْهِمْ حَافِظِينَ ﴿٣٣﴾ فَالْيَوْمَ

ته، اهي پڪ ڀٽڪندڙ آهن. حالانڪ نه موڪليا ويا هئا انهن تي نگهبان ڪري. سو اڄ

(تڏهن) چوندا هئا ته بيشڪ اهي گمراهه آهن. ۽ (حقيقت ڪري) اُهي مؤمنن تي نگهبان ڪري نه موڪليا ويا هئا.

الَّذِينَ آمَنُوا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُونَ ﴿٣٤﴾ عَلَى الْأَرَائِكِ يَنْظُرُونَ ﴿٣٥﴾

اهي مومن انهن منڪرن تي کلن ٿا، پلنگن تي ويٺا ڏسن ٿا.

تنهن ڪري اڄ مؤمن، ڪافرن تي کلن ٿا. پلنگن تي (ويهي) نظارو ڪن ٿا.

هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوا يَفْعَلُونَ ﴿٣٦﴾

اجهو بدلو ڏنو ويو ڪافرن کي ان جو جيڪي ڪندا هئا.

(۽ چون ٿا) ته ڪافرن کي اُنهيءَ جو بدلو ڏنو ويو آهي ڇا، جيڪي اُهي ڪندا هئا؟

سُورَةُ الْانْشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ — آيَاتُهَا ٢٥ رُكُوعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

إِذَا السَّمَاءُ انْشَقَّتْ ﴿١﴾ وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٢﴾ وَإِذَا الْأَرْضُ

جڏهن آسمان چيريو ويندو. ۽ ڪن ڏيندو پنهنجي رب ڏي ۽ اهو حق اٿس. ۽ جڏهن زمين

جڏهن آسمان ڦاٽندو. ۽ پنهنجي پالڻهار جو حڪم ڪن ڏيئي ٻڌندو ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس. ۽ جڏهن زمين پکيڙبي.

مُدَّتْ ﴿٣﴾ وَأَلْقَتْ مَا فِيهَا وَتَخَلَّتْ ﴿٤﴾ وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٥﴾

پکيڙي ويندي. ۽ اڇليندي جيڪي ان ۾ آهي ۽ خالي ٿيندي. ۽ ڪن ڏيندي پنهنجي رب ڏي ۽ اهو حق اٿس.

۽ جيڪي اُن ۾ هوندو سو (سڀ) ڪڍي اڇليندي ۽ خالي ٿيندي. ۽ پنهنجي پالڻهار جو حڪم ڪن ڏيئي ٻڌندي ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس.

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۚ ﴿٦﴾ فَاَمَّا مَنْ

اي انسان بيشڪ تون جاکوڙ ڪندڙ آهين پنهنجي رب ڏانهن گهڻي پوءِ ان سان ملندين. پوءِ جنهنکي

اي انسان! تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن (پهچڻ ۾) تمام گهڻي تڪليف وٺڻ وارو آهين. جو ان کي (وڃي) ملندين. پوءِ اهو (ماڻهو)

اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ﴿٧﴾ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا ﴿٨﴾ وَّيَنْقَلِبُ

ڏنو ويو سندس اعمالنامو ساڄي هٿ ۾، پوءِ جلد ڪيو ويندو ان سان حساب سولو. ۽ موٽندو

جنهن کي سندس سڄي هٿ ۾ سندس اعمالنامو ڏبو. تنهن سان آسانيءَ طرح سگهوئي حساب ڪبو. ۽ پنهنجن

اِلٰۤى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ﴿٩﴾ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ ﴿١٠﴾ فَسَوْفَ

پنهنجي گهر ڏانهن خوش ٿي. وري جنهنکي ڏنو ويو سندس عملنامو پٺيءَ پويان، اهو تڪڙو

گهروارن ڏانهن خوش ٿي موٽندو. ۽ اهو (ماڻهو) جنهن کي سندس اعمالنامو سندس پٺيءَ پويان ڏبو. سو سگهوئي

يَدْعُوْا ثُبُوْرًا ﴿١١﴾ وَّيَصْلٰى سَعِيْرًا ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ فِيْۤ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ﴿١٣﴾

پڪاريندو موت کي، ۽ داخل ٿيندو دوزخ ۾. بيشڪ اهو هئو پنهنجي گهر ۾ خوش.

موت کي سڏيندو. ۽ دوزخ ۾ گهڙندو. ڇو ته اهو (دنيا ۾) پنهنجن گهروارن ۾ خوش (حال) هو.

اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ﴿١٤﴾ بَلٰۤى ۚۛ اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا ﴿١٥﴾ ع عندنا المتاخرين ١٢

انهيءَ ڀانيو ٿي ته هرگزنه موٽندو. هائو، بيشڪ سندس رب ان کي ڏسندڙ آهي.

بيشڪ انهيءَ ڀانيو هو ته (الله ڏانهن) ڪڏهن نه موٽندو. هائو! (موٽندو)، ڇو ته سندس پالڻهار ان کي ڏسندڙ آهي.

فَلَاۤ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ﴿١٦﴾ وَالَّيْلِ وَمَا وَسَقَ ﴿١٧﴾ وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ﴿١٨﴾

پوءِ قسم آهي شفق جو، قسم رات جو ۽ جنهن تي ڇانئجي ٿي، قسم چنڊ جو جڏهن ڪامل ٿئي،

پوءِ شفق (سج لهڻ واري ڳاڙهاڻ) جو قسم کڻان ٿو. ۽ رات جو (قسم کڻان ٿو) ۽ جنهن کي گڏ ڪيو اٿس (تنهن جو به). ۽ چنڊ جو (قسم کڻان ٿو)

لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿١٩﴾ فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَاِذَا قُرِئَ

ته اوهان ضرور چڙهندؤ هڪ حال کان ٻئي حال تي. پوءِ ڇا ٿيو آهي انهن کي جو ايمان نه ٿا آڻين، ۽ جڏهن پڙهجي ٿو

جڏهن پورو روشن ٿئي. ته هڪ حال کان ٻئي حال تي ضرور چڙهندؤ. پوءِ هنن (ڪافرن) کي ڇا (ٿيو) آهي، جو ايمان نه آڻيندا آهن؟ ۽ جڏهن

عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ﴿٢١﴾ السجدة بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٢﴾ السجدة ١٣

مٿن قرآن ته نه سجدو ٿا ڪن. رهندو ڪافر ڪوڙو ٿا چون.

مٿن قرآن پڙهبو آهي، (تڏهن) سجدو نه ڪندا آهن؟ بلڪ (اهي) ڪافر ڪوڙ ڀائيندا آهن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٤﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ

۽ الله ڳڻتو ڄاڻي ٿو جيڪي دل ۾ ٿا سانڍين. پوءِ خبر ڏي انهن کي عذاب ڏکوئيندڙ جي، پر جن شخص

۽ جيڪي (پنهنجي دلين ۾) سانڍيندا آهن، سو الله چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. پوءِ ڪين ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي. پر جن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٢٥﴾ ع

ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تن لاءِ اجر آهي اڻ کٽ.

ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي.

سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٢٢ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ﴿١﴾ وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ﴿٢﴾ وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ ﴿٣﴾

قسم آهي آسمان برجن واري جو، ۽ ڏينهن وعدي ڪيل جو، ۽ حاضر ٿيندڙ جو ۽ حاضر ٿيل جو.

برجن واري آسمان جو قسم آهي. ۽ وعدي ڪيل ڏينهن (قيامت) جو قسم آهي. ۽ شاهد ۽ جنهن تي شاهدي ڏني وڃي، تنهن جو قسم آهي.

قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ ﴿٤﴾ النَّارِ ذَاتِ الْوَقُوْدِ ﴿٥﴾ اِذْ هُمْ عَلَيْهَا

تہ تباهہ ٿين شال ڪاهي وارا، (جنهن ۾) باهہ ٻريل هئي وڏي ٻل واري، جنهن وقت اهي اتي

تہ ڪاهين وارا ماريا وڃن (شال!). گهڻي ٻل واري باهہ وارا. جڏهن اهي انهيءَ (باهہ جي ڪاهين) تي ويٺل هيا.

قُعُوْدٌ ﴿٦﴾ وَّهُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ﴿٧﴾ وَمَا

ويٺا هئا. ۽ اهي انڪي جيڪي ڪن پيا ايمان وارن سان ڏسندڙ هئا. رڳو

۽ جيڪي انهن مسلمانن سان (ظلم) ٿي ڪيو تنهن کي روبرو ڏسڻ وارا هيا. ۽ انهن هن

نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿٨﴾ الَّذِيْ

بدلو پيا وٺن انهن کان جو ايمان آندو هئائون الله زبردست ساراهيل تي، اهو

کان سواءِ (ٻيءَ) ڪنهن ڳالهہ جو وير نہ ٿي ورتو تہ، انهن انهيءَ غالب ساراهيل الله تي ايمان آندو هو.

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٩﴾

جنهن لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي. ۽ الله هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي.

جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ الله سڀ شيءِ جي خبر رکندڙ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ

بيشڪ جن ايذايو مومنن ۽ مومنياڻين کي پوءِ نہ توبہ ڪيائون تن لاءِ آهي

بيشڪ جن (ماڻهن) مومنن ۽ مومنياڻين کي ايذايو، وري توبهہ نہ ڪيائون، تن لاءِ

عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ﴿١٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

سزا دوزخ جي ۽ تن لاءِ آهي سزا باهہ ساڙيندڙ جي. بيشڪ جن ايمان آندو ۽

دوزخ جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ عذاب (بہ) آهي. بيشڪ جن ايمان آندو ۽

ابتداء أوساط مفصل

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۬ۛ ذٰلِكَ

ڪم ڪيا چڱا تن لاءِ باغ آهن وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون، اها

چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اهڙا باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون پيون وهن، اها وڏي ڪاميابي آهي.

الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ﴿١١﴾ اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ هُوَ يُبْدِئُ وَ

ڪاميابي وڏي آهي. بيشڪ پڪڙ تنهنجي رب جي سخت آهي. بيشڪ اهو پيدا ڪري ٿو ۽

بيشڪ تنهنجي پالڻهار جو پڪڙڻ بلڪل سخت آهي. بيشڪ اهو پهريون دفعو بڻائي ٿو ۽ وري بيهر

يُعِيْدُ ﴿١٣﴾ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ ﴿١٤﴾ ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيْدُ ﴿١٥﴾ فَعَّالٌ

وري موٽائي ٿو. ۽ اهوئي بخشيندڙ مِهر وارو آهي. تخت جو مالڪ وڏي شان وارو آهي. ڪري گذرندڙ آهي

موٽائيندو. ۽ اهو ئي بخشڻهار گهڻي مهر ڪندڙ آهي. (جو) عرش جو مالڪ تمام وڏي شان وارو آهي. جيڪي گهري

لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٦﴾ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْجُنُوْدِ ﴿١٧﴾ فِرْعَوْنَ وَثَمُوْدَ ﴿١٨﴾

جيڪي گهري. ڇا آئي تووٽ خبر لشڪرن جي، فرعون ۽ ثمود جي.

سو ڪرڻ وارو ئي آهي. تو وٽ لشڪرن جي خبر (نہ) آئي آهي ڇا؟ (يعني) فرعون ۽ ثمود جي.

بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ تَكْذِيْبٍ ﴿١٩﴾ وَّاللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ﴿٢٠﴾

پر اهي ڪافر ڪوڙي ڪرڻ ۾ آهن، ۽ الله سندن چوڌاري گهيرو ڪندڙ آهي.

بلڪ ڪافر ڪوڙ پائڻ ۾ (لڳا پيا) آهن. ۽ الله سندن چوڌير گهيرو ڪندڙ آهي.

بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿٢١﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿٢٢﴾ ع

بلڪ اهو قرآن وڏي شان وارو آهي. لکيل ڦرهي سانديل ۾.

بلڪ هيءُ سڳورو قرآن آهي. حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي.

ع-١٢

سُوْرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٧ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ﴿٢﴾ النَّجْمُ الثَّاقِبُ ﴿٣﴾

قسم آهي آسمان جو ۽ رات ۾ ايندڙ جو، ۽ ڇا خبر توکي ڇا آهي رات جو ايندڙ. اهو تارو چمڪندڙ آهي.

آسمان جو ۽ رات جي وقت ايندڙ جو قسم آهي. ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ رات جو ايندڙ ڇا آهي؟ (اهو) چمڪندڙ تارو آهي.

اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ﴿٤﴾ فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ

ناهي ڪوئي ساهہ وارو مگر ان تي نگهبان آهي. پوءِ پيل ڏسي انسان تہ ڇا مان

تہ ڪو جيءُ اهڙو ڪونهي جنهن تي هڪ نگهبان مقرر ٿيل (نہ) آهي. تنهن ڪري ماڻهوءَ کي گهرجي تہ نهاري ڏسي تہ ڪيس ڇا مان بڻايو ويو آهي؟

خُلِقَ ۝٥ؕ خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ۝٦ۙ يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ۝٧ؕ

پيدا ڪيو ويو آهي. پيدا ڪيو ويو پاڻيءَ اڇليل مان، جو نڪري ٿو وچان پٺيءَ ۽ ڇاتيءَ جي.

ٽپي سان نڪرندڙ پاڻيءَ مان بڻايو ويس. جو پٺيءَ ۽ اره جي وچ مان نڪرندو آهي.

اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ ۝٨ؕ يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ۝٩ۙ فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّ

بيشڪ اهو ان جي موٽائڻ تي سگهه رکندڙ آهي. جنهن ڏينهن جاچيا ويندا راز دلين جا، پوءِ نه انکي ڪا طاقت هوندي ۽

بيشڪ الله سندس وري موٽائڻ تي وس وارو آهي. جنهن ڏينهن (ماڻهن جي دلين جا) سڀ ڳجهه جاچيا ويندا. تنهن ڏينهن نه ڪا سگهه رهندس ۽

لَا نَاصِرٍ ۝١٠ؕ وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ۝١١ۙ وَالْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ ۝١٢ۙ

نه ڪوئي پرجهلو. قسم آهي آسمان مينهن واري جو. قسم آهي ڌرتيءَ ڦاٽي ڦاٽڻ واريءَ جو،

نه ڪو واهرو (هوندس). ۽ مينهن واري آسمان جو قسم آهي. ۽ ڦاٽڻ واريءَ زمين جو (به) قسم آهي.

اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ ۝١٣ۙ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ۝١٤ؕ اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۝١٥ۙ

ته بيشڪ اهو آهي ڪلام فيصلو ڪندڙ. ۽ ناهي اهو چرچو. بيشڪ اهي رٿون ٿا رٿين،

ته بيشڪ قرآن هڪ فيصلو ڪندڙ ڳالهه آهي. ۽ هيءُ قرآن ڪا پوڳ (جي ڳالهه) نه آهي. بيشڪ! ڪافر هڪ (طرح جي) ڳجهي رٿ رٿين ٿا.

وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ۝١٦ۚۖ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ۝١٧ؑ

۽ آءٌ به رٿ ٿو رٿيان، پوءِ (اي نبي) ڍَر ڏِج ڪافرن کي ڍر ڏئين ٿوري.

۽ (آءٌ به) هڪ (طرح جي) رٿ رٿيان ٿو. پوءِ ڪافرن کي ڍر ڏي ۽ ٿوري مدت ڪين ڇڏي ڏي.

سُوْرَةُ الْاَعْلٰى مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝ — اٰيَاتُهَا ١٩ — رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى ۝١ۙ الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰى ۝٢ۖ وَالَّذِيْ

تون پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب مٿاهين جي نانءَ جي، جنهن پيدا ڪيو پوءِ تيار ڪيائين، ۽ جنهن

(اي پيغمبر!) انهيءَ پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر. جنهن (ساريءَ مخلوقات کي) خلقيو پوءِ سنئين لڳين ڪيائين.

قَدَّرَ فَهَدٰى ۝٣ۖ وَالَّذِيْٓ اَخْرَجَ الْمَرْعٰى ۝٤ۖ فَجَعَلَهٗ غُثَآءً اَحْوٰى ۝٥ؕ

پورو ٺاهيو پوءِ رستو ڏنائين، ۽ جنهن اپاريو گاهه کي، پوءِ ڪيائينس سڪو سڙيو.

۽ جنهن اندازو ڪيو پوءِ سڌو رستو ڏيکاريائين. ۽ جنهن تازو گاهه ڄمايو. پوءِ ان کي سڪو سڙيو ڪيائين.

سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰٓى ۝٦ۙ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ وَمَا

اجهو توکي پڙهائينداسون پوءِ نه وساريندين. پر جيڪي گهري الله، بيشڪ اهو ڄاڻي ٿو ظاهر کي ۽ جو

اسين توکي (قرآن) پاڙهينداسون، پوءِ نه وساريندين. پر جيڪي الله گهريو آهي، بيشڪ اهو ظاهر ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي

يَخْفٰى ۝٧ وَنُيَسِّرُكَ لِلْيُسْرٰى ۝٨ فَذَكِّرْ اِنْ نَّفَعَتِ الذِّكْرٰى ۝٩

ڳجهو آهي. ۽ آسان ڪري ڏينداسون توکي شريعت. پوءِ سمجهاءِ جيڪڏهن نفعو ڏئي. سمجهاڻي.

ڳجهو آهي، تنهن کي (بہ). ۽ (نجات جو) آسان رستو توکي سهنجو ڪري ڏينداسين. پوءِ جيڪڏهن نصيحت ڏيڻ فائدو ڪري ته نصيحت ڪر.

سَيَذَّكَّرُ مَنْ يَّخْشٰى ۝١٠ وَيَتَجَنَّبُهَا الْاَشْقَى ۝١١ الَّذِيْ يَصْلَى

سمجهي وٺندو جيڪو ڊڄندو. ۽ پاسيرو ٿيندو ان کان نياڳو. جيڪو پوندو

جيڪو ڊڄندو سو سنت سمجهه وٺندو. ۽ ان (نصيحت وٺڻ) کان (اهو) تمام نياڳو پاسو ڪندو. جو

النَّارَ الْكُبْرٰى ۝١٢ ثُمَّ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ۝١٣ قَدْ اَفْلَحَ

باهه وڏيءَ ۾. پوءِ نه مرندو ان ۾ ۽ نه جيئندو. بلاشڪ ڇٽي ويو

وڏيءَ باهه ۾ گهڙندو. وري نڪي اُتي مرندو ۽ نڪي جيئرو رهندو. بيشڪ اُهو ڪامياب ٿيو

مَنْ تَزَكّٰى ۝١٤ وَذَكَرَ اسْمَ رَبِّهٖ فَصَلّٰى ۝١٥ بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ

جيڪو پاڪ ٿيو. ۽ ياد ڪيائين نالو پنهنجي رب جو پوءِ نماز پڙهيائين، پر توهان پسند ٿا ڪريو حياتي

جيڪو سڌريو. ۽ پڻ پنهنجي پالڻهار جو نالو ياد ڪري نماز پڙهندو رهيو. بلڪ دنيا جي حياتيءَ کي (آخرت کان) پسند

الدُّنْيَا ۝١٦ وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ۝١٧ اِنَّ هٰذَا لَفِي الصُّحُفِ

دنيا جي، حالانڪ پويون جهان ڀلو ۽ سدائين رهڻ جوآهي بيشڪ هي بيان ڪتابن

ڪندا آهيو. ۽ (حقيقت ڪري) آخرت ڀلي آهي ۽ هميشه رهڻ واري آهي. بيشڪ هيءُ (بيان) پهرين صحيفن ۾

الْاُوْلٰى ۝١٨ صُحُفِ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى ۝١٩ ع ١٩ ١٢

پهرين ۾ آهي. ابراهيم ۽ موسيٰ جي ڪتابن ۾.

(بہ لکيل) آهي. جي صحيفا ابراهيم ۽ موسيٰ جا آهن.

سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اٰيَاتُهَا ٢٦ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ۝١ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ۝٢ عَامِلَةٌ

(اي نبي) ڇا پهتي تووٽ ڳالهه قيامت جي. ڪيترا چهرا تنهن ڏينهن خوار هوندا، لوڙيندڙ

(اي پيغمبر) تو وٽ ڍڪيندڙ (قيامت) جي خبر پهتي آهي ڇا؟ اُن ڏينهن ڪيئي مُنهن خوار هوندا.

نَّاصِبَةٌ ۝٣ تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً ۝٤ تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ ۝٥ لَيْسَ

تڪجي پوندڙ، پوندا باهه سخت گرم ۾. پيارياويندا چشمي ٿهڪندڙ مان. ناهي

ڪمائيندڙ ڏک پوڳيندڙ هوندا. ٻرندڙ باهه ۾ گهڙندا. بلڪ تتي چشمي مان (پاڻي) پيارين.

لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ ﴿٧﴾

انهن لاءِ ڪو کاڌو مگر زهري ڪانڊيرو، جو نہ سهرو ڪندو ۽ نڪي هٽائيندو بک.

ڪنڊن واري گاهہ کان سواءِ (ٻيو) ڪو کاڄ انهن لاءِ نہ هوندو. (جو اهو) نڪي (کين) ٿلهو ڪندو ۽ نڪي بک لاهيندو.

وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾

ڪي منهن ان ڏينهن تازا، پنهنجي ڪمائي تي خوش ٿيندڙ، بهشت عاليشان ۾ هوندا.

ڪيئي مُنهن اُن ڏينهن تازا هوندا. پنهنجيءَ ڪمائيءَ کان راضي هوندا. مٿاهين بهشت ۾ رهندا.

لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ﴿١١﴾ فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾ فِيْهَا سُرُرٌ

نہ ٻڌندا اتي ڪا اجائي ڳالهہ. ان ۾ هڪ چشمو وهندڙ آهي. ان ۾ آهن تخت

اتي ڪا اجائي ڳالهہ نہ ٻڌندين. اتي چشما وهندڙ آهن. اتي بلند پلنگ (هوندا).

مَّرْفُوْعَةٌ ﴿١٣﴾ وَّاَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ﴿١٤﴾ وَّنَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ ﴿١٥﴾ وَّزَرَابِيُّ

مٿي ڪيل، ۽ گلاس رکيل، ۽ وهاڻا قطارون ٿيل ۽ غاليچا

۽ آبخورا رکيل. ۽ وهاڻا قطار ڪري رکيل. ۽ غاليچا وڇايل آهن.

مَبْثُوْثَةٌ ﴿١٦﴾ اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ﴿١٧﴾ وَاِلَى السَّمَآءِ

وڇايل. ڇا نہ تا نهارين اُٺ ڏانهن ڪيئن پيدا ڪيو ويو آهي. ۽ آسمان ڏانهن

(ماڻهو) اُٺن ڏانهن نہ ڏسندا آهن ڇا تہ ڪيئن خلقيا ويا؟ ۽ آسمان ڏانهن

كَيْفَ رُفِعَتْ ﴿١٨﴾ وَاِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾ وَاِلَى الْاَرْضِ

ڪيئن تہ مٿي ڪيو ويو آهي. ۽ جبلن ڏانهن ڪيئن تہ کوڙيل آهن. ۽ زمين ڏانهن

تہ ڪيئن بلند ڪيو ويو؟ ۽ جبلن ڏانهن تہ ڪيئن کوڙيا ويا؟ ۽ زمين ڏانهن تہ ڪيئن وڇائي ويئي؟

كَيْفَ سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾ فَذَكِّرْ اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾ لَسْتَ عَلَيْهِمْ

ڪيئن تہ پٿاريل آهي. پوءِ سمجهاءِ رڳو تون سمجهائيندڙ آهين. تون ناهين انهن تي

پوءِ (اي پيغمبر!) تون نصيحت ڪر جو تون رڳو نصيحت ڪرڻ وارو آهين. تون مٿن ڪو داروغو نہ آهين.

بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾ اِلَّا مَنْ تَوَلّٰى وَكَفَرَ ﴿٢٣﴾ فَيُعَذِّبُهُ اللّٰهُ الْعَذَابَ

ضابطو رکندڙ. مگر جيڪو منهن ڦيري ۽ منڪر ٿئي، پوءِ سزا ڏيندو انکي الله سزا

پر جنهن منهن موڙيو ۽ ڪفر ڪيو. تنهن کي الله وڏي عذاب جي سزا ڏيندو.

الْاَكْبَرَ ﴿٢٤﴾ اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ﴿٢٦﴾

تمام وڏي، بيشڪ اسان ڏانهن آهي موٽڻ انهن جو پوءِ بيشڪ اسان تي آهي حساب انهن جو.

بيشڪ اسان ڏانهن سندن موٽڻ آهي. وري بيشڪ سندن حساب (وٺڻ) اسان جي ذمي آهي.

سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اٰيَاتُهَا ٣٠ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالْفَجْرِ ۙ﴿١﴾ وَلَيَالٍ عَشْرٍ ۙ﴿٢﴾ وَّالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ ۙ﴿٣﴾ وَالَّيْلِ اِذَا يَسْرِ ۚ﴿٤﴾

قسم آهي پرهِ ڦٽي جو ۽ راتين ڏهن جو، ۽ ٻڌيءَ ۽ اڪيءَ جو، قسم رات جو جڏهن هلي.

پرهه جو قسم آهي. ۽ (ذوالحج وارن) ڏهن راتين جو قسم آهي. ۽ ٻڌيءَ ۽ اڪيءَ جو قسم آهي. ۽ رات جو قسم آهي، جڏهن هلي.

هَلْ فِيْ ذٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِيْ حِجْرٍ ؕ﴿٥﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۙ﴿٦﴾

بيشڪ آهي انهن ۾ قسم عقل واري لاءِ. ڇا تون نه ڏٺو ته ڪهڙي ڪار ڪئي تنهنجي رب قوم عاد،

ڏيان واري لاءِ هِن (قسمن) ۾ ڪو (پروسي جوڳو) قسم آهي (يا نه؟). نه ڏٺئي ڇا ته (قوم) عاد سان تنهنجي پالڻهار ڪيئن ڪيو؟

اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ۙ﴿٧﴾ الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ۙ﴿٨﴾ وَثَمُوْدَ

ارم ٿنين واري سان، اهي جو نه بڻايو ويو تن جهڙو شهرن ۾، ۽ قوم ثمود سان

(جي) ارم وارا وڏن ٿنين (جي عمارتن) وارا هئا جن جهڙو شهرن ۾ ڪوئي نه خلقيو ويو آهي. ۽ (قوم) ثمود سان (ڪيئن ڪيائين!)

الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ۙ﴿٩﴾ وَفِرْعَوْنَ ذِي الْاَوْتَادِ ۙ﴿١٠﴾ الَّذِيْنَ

جن گهڙيون هيون ڇپون وادي القريٰ ۾، ۽ فرعون ميخن واري سان، جيڪي

جن وادي ۾ (گهرن ناهڻ لاءِ) پهڻ جون ڇپون گهڙيون هيون. ۽ ميخن واري فرعون سان (ڪيئن ڪيائين؟) انهن (مڙني تولين)

طَغَوْا فِي الْبِلَادِ ۙ﴿١١﴾ فَاَكْثَرُوْا فِيْهَا الْفَسَادَ ۙ﴿١٢﴾ فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ

ظلم پيا ڪن شهرن ۾، پوءِ گهڻو ڪيائون اتي فساد، پوءِ وهايو انهن تي تنهنجي رب

شهرن ۾ سرڪشي ڪئي. پوءِ منجهس فساد گهڻو ڪيائون. تنهن ڪري تنهنجي پالڻهار مٿن عذاب جو

سَوْطَ عَذَابٍ ۚ﴿١٣﴾ اِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ؕ﴿١٤﴾ فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَا مَا

لڪڻ عذاب جو. بيشڪ تنهنجو پالڻهار آهي گهات ۾. پوءِ انسان کي جڏهن

چهبڪ وهايو. بيشڪ تنهنجو پالڻهار گهٽ (واري هنڌ) ۾ (عملن کي ڏسندڙ) آهي. پوءِ ماڻهو کي جڏهن سندس پالڻهار

ابْتَلٰىهُ رَبُّهٗ فَاَكْرَمَهٗ وَنَعَّمَهٗ ۙ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَكْرَمَنِ ؕ﴿١٥﴾ وَاَمَّآ

آزمائي ٿو سندس پالڻهار پوءِ عزت ڏئي ٿو ان کي ۽ آسودو ڪريس ٿو تڏهن چوي ٿو ته رب منهنجي نوازيو آهي مونکي. ۽ وري

(هن طرح) پرکيندو آهي جو ان کي مانوارو ڪندو آهي ۽ نعمت ڏيندو اٿس، تڏهن چوندو آهي ته منهنجي پالڻهار مون کي نوازيو. ۽ جڏهن

اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهٗ ۙ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَهَانَنِ ۚ﴿١٦﴾ كَلَّا

جڏهن آزمائي ٿو ان کي پوءِ تنگ ڪري ٿو ان تي سندس روزي، تڏهن چوي ٿو ته رب منهنجي خوار ڪيو مونکي. ائين ناهي

ڪيس (ٻيءَ طرح هيئن) پرکيندو آهي، جو مٿس سندس روزي تنگ ڪندو آهي، تڏهن چوندو آهي ته منهنجي پالڻهار مون کي بيمانو ڪيو. (هرگز) ائين نه آهي.

بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ ﴿١٧﴾ وَلَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿١٨﴾

پر نہ عزت ڏيندا آهيو ڇوري ٻار کي، ۽ نکي شوق ڏياريندا آهيو کارائڻ غريب جي تي،

بلڪ ڇوري ٻار کي تعظيم نہ ڏيندا آهيو. ۽ نکي مسڪين جي کارائڻ تي هڪ ٻئي کي رغبت ڏياريندا آهيو.

وَتَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ﴿١٩﴾ وَّتُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿٢٠﴾ كَلَّآ

۽ کائيندا آهيو مئن جو مال سارو ميڙي، ۽ چاهيندا آهيو مال کي تمام گهڻو. خبردار

۽ مئن جو مال سمورو ئي ڳهي ويندا آهيو. ۽ گهڻي محبت سان مال کي پيارو رکندا آهيو. ائين نہ ڪجي.

اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ﴿٢١﴾ وَّجَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ﴿٢٢﴾

جڏهن سنئين ڪئي ويندي ڌرتي ڳتي ڳتي، ۽ ايندو تنهنجو رب ۽ ايندا ملڪ قطارون ڪري.

جڏهن زمين (جي اوچاڻ) ڳتي ڳتي سنئين ڪئي ويندي. ۽ تنهنجو پالڻهار ايندو ۽ ملائڪ قطار قطار ٿي (ايندا).

وَجِايْٓءَ يَوْمَئِذٍۢ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَ

۽ آندو ويندو ان ڏينهن دوزخ، تنهن ڏينهن سمجهندو ماڻهو ۽

۽ ان ڏينهن دوزخ کي آڻبو. ان ڏينهن ماڻهو نصيحت وٺندو ۽ اُنهيءَ مهل اُها

اَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ﴿٢٣﴾ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِىْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِىْ ﴿٢٤﴾

ڪٿي ان کي فائدو ڏيندي اها سمجهہ. چوندو جيڪر مون اڳ ۾ موڪليان ها هن زندگيءَ لاءِ.

(نصيحت وٺڻ) ڪٿي فائدي واري آهي! چوندو تہ هٰڏ ارمان! جيڪر پنهنجي (هن هميشہ جي) حياتيءَ لاءِ (ڪجهہ) اڳي موڪليان ها!

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٥﴾ وَّلَا يُوْثِقُ

پوءِ ان ڏينهن نہ عذاب ڏيندو ان جي عذاب جهڙو ڪوئي بہ، ۽ نہ ٻڌندو

پوءِ اُنهيءَ ڏينهن الله جي عذاب جهڙو ڪو بہ ڪونہ عذاب ڪندو. ۽ نکو ڪو

وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٦﴾ يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ارْجِعِىْٓ

ان جي ٻڌڻ جهڙو ڪوئي بہ. اي نفس قرار وٺندڙ (دين تي). موٽي هل

الله جي قيد ڪرڻ جهڙو قيد ڪندو. (مومن کي چئبو تہ) اي آرام وٺڻ وارا ساهہ! تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي هل!

اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ فَادْخُلِىْ فِىْ عِبٰدِىْ ﴿٢٩﴾

پنهنجي پروردگار ڏانهن خوش ٿي اهو توکان خوش آهي. پوءِ هليو وڃ منهنجي ٻانهن ۾.

(تون ان کان) راضي ٿيل آهين. (هُو توکان) راضي ٿيل آهي. تنهن ڪري (تون) منهنجي (خاص) ٻانهن (جي ٽوليءَ) ۾ داخل ٿيءُ.

وَادْخُلِىْ جَنَّتِىْ ﴿٣٠﴾

۽ گهڙي پؤ منهنجي جنت ۾.

۽ منهنجي بهشت ۾ گهڙ.

ع ١٤

سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اٰيَاتُهَا ٢٠ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان (شروع)

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۙ ① وَاَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۙ ② وَوَالِدٍ

قسم آهي هن (مڪي) شهر جو، ۽ تون لهندڙ آهين هن شهر ۾، ۽ قسم آهي ڄڻيندڙ جو

هن شهر (مڪي) جو قسم کڻان ٿو. ۽ تون هن شهر ۾ (تہ) رهندڙ آهين. ۽ ڄڻيندڙ جو (قسم کڻان ٿو)

وَّمَا وَلَدَ ۙ ③ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ۭ ④ اَيَحْسَبُ اَنْ

۽ جيڪو ڄائو، تہ بيشڪ پيدا ڪيوسون انسان کي ڏاکڙي ۾، ڇا ڀانئي ٿو تہ

۽ اُن جو جيڪو ڄايو. تہ بيشڪ ماڻهو کي ڏک ۾ (پورهي لاءِ) خلقيوسون. (ماڻهو) ڀائيندو آهي

لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ۘ ⑤ يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ۭ ⑥

هرگز نہ سوڙهہ ڪندو ان تي ڪوئي، چوي ٿو تہ مون ڪپايو آهي مال تمام گهڻو.

ڇا تہ مٿس ڪوبہ غالب نہ ٿيندو؟ چوي ٿو تہ، مون تمام گهڻو مال ڪپايو.

وقف لازم

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ ۭ ⑦ اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ۙ ⑧ وَلِسَانًا

ڇا ڀانئي ٿو تہ نہ ڏٺو اٿس ڪنهن بہ. ڇا نہ ڪيون سون ان لاءِ ٻہ اکيون، ۽ هڪ ڄڀ

ڀائيندو آهي ڇا تہ ڪنهن ڪونہ ڏٺو اٿس؟ ڪيس ٻہ اکيون نہ ڏنيون اٿئون ڇا؟ ۽ زبان

وَّشَفَتَيْنِ ۙ ⑨ وَهَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ۚ ⑩ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ۡ ⑪ وَمَآ

۽ ٻہ چپ، ۽ ڏيکاريا سون ان کي ٻہ رستا. پوءِ نہ لنگهيو اهو ڪنهن لڪ مان. ۽ ڇا

۽ ٻہ چپ بہ؟. ۽ ٻہ رستا ڏيکارياسونس. پوءِ بہ کو سخت لڪ نہ لنگهيو. ۽

اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ۭ ⑫ فَكُّ رَقَبَةٍ ۙ ⑬ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ

خبر تو کي چاهي اهو لڪ. آزاد ڪرڻ ٻانهي کي، يا کاڌو کارائڻ زماني

ڪنهن سمجهايئي تہ سخت لڪ ڇا آهي؟ ٻانهو آجو ڪرڻ آهي. يا بک جي ڏينهن ۾ کاڌو کارائڻ.

مَسْغَبَةٍ ۙ ⑭ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ۙ ⑮ اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ۭ ⑯ ثُمَّ

ڏڪار واري ۾، ڪنهن ڇوري ٻار ماڻٽي واري کي، يا ڪنهن غريب مٽيءَ هٽي کي. پوءِ

مائٽيءَ واري ڇوري ٻار کي. يا مٽيءَ ۾ رلندڙ محتاج کي. اُن کان پوءِ (اهو) مؤمنن مان هجي

كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا

هجي انهن مان جن ايمان آندو ۽ پاڻ ڪيائون هڪٻئي کي صبر جي ۽ پاڻ ڪيائون هڪ ٻئي کي

۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون ۽ (پڻ) هڪ ٻئي کي (خلق تي) ٻاجهہ ڪرڻ جي وصيت ڪيائون.

بِالْمَرْحَمَةِ ﴿١٧﴾ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ﴿١٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ٻاجھ ڪرڻ جي. اهي ئي آهن (سڀاڳا) ساڄي پاسي وارا. ۽ جن ڪفر ڪيو

اهي نيڪ بخت سڄي پاسي وارا آهن. ۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو

بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ﴿١٩﴾ عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ﴿٢٠﴾

اسان جي آيتن جو اهي آهن (نياڳا) کاٻي پاسي وارا. انهن تي باهه دميل هوندي.

سي بدبخت کٻي پاسي وارا آهن. مٿن دميل باهه چوڌاري ويڙهيل (موڪلبي).

سُوْرَةُ الشَّمْسِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٥ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا ﴿١﴾ وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا ﴿٢﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا جَلّٰهَا ﴿٣﴾

قسم سج جو ۽ ان جي سوجهري جو، قسم چنڊ جو جڏهن ان جي پويان اچي، قسم ڏينهن جو جڏهن سج کي چٽو ڪري،

سج ۽ ان جي سوجهري جو قسم آهي. ۽ چنڊ جو قسم آهي، جڏهن ان جي پوئتان اچي. ۽ ڏينهن جو (قسم آهي) جڏهن سج کي روشن ڪري.

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰهَا ﴿٤﴾ وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰهَا ﴿٥﴾ وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰهَا ﴿٦﴾

قسم رات جو جڏهن سج کي ڍڪي ڇڏي، قسم آسمان جو ۽ ان جو جنهن بنايو انهيءَ کي، قسم زمين جو ۽ ان جو جنهن پکيڙيو انهيءَ کي،

۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن سج کي ڍڪي. ۽ آسمان جو ۽ ان جو (قسم آهي) جنهن ان کي بڻايو. ۽ زمين جو ۽ ان جو (قسم آهي) جنهن ان کي پکيڙيو.

وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ﴿٧﴾ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ﴿٨﴾ قَدْ

قسم نفس جو ۽ ان جو جنهن سڌو ٺاهيو انکي. پوءِ سمجهايائين ان کي سندس بڇڙائي ۽ چڱائي، بيشڪ

۽ (ماڻهوءَ جي) جيءَ جو ۽ ان جو (قسم آهي) جنهن ان کي جوڙي برابر ڪيو. پوءِ سندس بدڪاري ۽ سندس پرهيزگاري (جي سڃاڻ) اُن ۾ وڌائينس.

اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ﴿٩﴾ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ﴿١٠﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ

ڇٽي ويو اهو جنهن پاڪ ڪيو انکي، ۽ بيشڪ هارايو ان جنهن گندو ڪيو ان کي. ڪوڙو ڪيو ثمود وارن

(قسم کڻڻ جو غرض هيءُ آهي ته) جنهن ان (نفس) کي (بدڪاريءَ کان) پاڪ ڪيو سو بيشڪ ڇٽو. ۽ جنهن ان کي (گناهن ۾) پوري ڇڏيو، سو

بِطَغْوٰىهَآ ﴿١١﴾ اِذِ انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا ﴿١٢﴾ فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ

پنهنجي شرارت سان، جڏهن اٿيو انهن جو وڏو نامراد، پوءِ چيو انهن کي الله جي رسول

بيشڪ ٽوٽي وارو ٿيو. (قوم) ثمود پنهنجيءَ سرڪشيءَ سببان (پيغمبر کي) ڪوڙو ڀانيو. جڏهن منجهانئن بلڪل نڀاڳو اٿيو. پوءِ الله جي پيغمبر کين

نَاقَةَ اللّٰهِ وَسُقْيٰهَا ﴿١٣﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا ۙ فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ

ته ڇڏيو الله جي ڏاچيءَ کي ۽ ان جي پيئڻ جي واري کي. پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي ۽ ڪنائون ڏاچي کي، پوءِ تباهي آندي انهن تي

چيو ته الله جي ڏاچيءَ ۽ ان جي پاڻي پيئڻ کي آڏو نه ٿيو. پوءِ پيغمبر کي ڪوڙو ڀانيائون ۽ ڏاچيءَ جون ڪچون ڪپيائون پوءِ سندن گناهن سببان سندن

رَبُّهُمْ بِذَنْۢبِهِمْ فَسَوّٰىهَا ﴿١٤﴾ وَلَا يَخَافُ عُقْبٰهَا ﴿١٥﴾ ع ١٥ ١٦

انهن جي رب انهن جي ڏوهه ڪري پوءِ سڌو ڪيائين انهن کي، ۽ نه ٿو ڊڄي انهن جي بدلي کان.

پالڻھار مٿن عذاب پلٽيو، پوءِ اُن (سزا) کي (سڀني تي) ھڪ جھڙو ڪري ڇڏيائين. ۽ (الله) اُن (سزا) جي پڇاڙيءَ کان نه ٿو ڊڄي.

سُوْرَةُ الَّيْلِ مَكِّيَّةٌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اٰيَاتُهَا ٢١ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ﴿١﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ﴿٢﴾ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَ

قسم رات جو جڏهن ڍڪي ٿي، قسم ڏينهن جو جڏهن ظاهر ٿئي ٿو، ۽ ان جو جنهن پيدا ڪيو نر ۽

رات جو قسم آهي جڏهن ڍڪي ٿي. ۽ ڏينهن جو (قسم آهي) جڏهن روشن ٿئي ٿو. ۽ ان جو (قسم آهي) جنهن نر ۽ مادي خلقي.

الْاُنْثٰٓى ﴿٣﴾ اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ﴿٤﴾ فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَاتَّقٰى ﴿٥﴾

مادي کي، ته بيشڪ ڪوشش توهان جي جدا جدا آهي. پوءِ جيڪو ڏئي ٿو ۽ ڊڄي ٿو،

ته بيشڪ اوهان جي ڪوشش قسمين قسمين آهي. پوءِ جنهن (الله لڳ) ڏنو ۽ پرهيزگاري ڪئي.

وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ﴿٦﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْۢ بَخِلَ

۽ سچو ڄاڻي ٿو چڱائي کي. ته اسان ڪري ڏينداسون ان کي سولو رستو. ۽ پر جيڪو نه ٿو ڏئي

۽ چڱائيءَ (اسلام ۽ آخرت) کي سچ ڄاتو. تنهن کي (نجات جو) آسان رستو سهنجو ڪري ڏينداسين. ۽ جنهن (الله جي حق ڏيڻ کان) بخل ڪيو

وَاسْتَغْنٰى ﴿٨﴾ وَكَذَّبَ بِالْحُسْنٰى ﴿٩﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰى ﴿١٠﴾

۽ بي پرواهي ڪري ٿو، ۽ ڪوڙو ڄاڻي ٿو چڱائي کي. ته آسان ڪري ڏينداسون ان کي ڏکيو رستو.

۽ (پاڻ کي) بي پرواهه ڄاتو. ۽ چڱائيءَ (اسلام ۽ آخرت) کي ڪوڙو ڀانيو. تنهن کي اوکائيءَ (۾ پوڻ) لاءِ (رستو) آسان ڪري ڏينداسين.

وَمَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗٓ اِذَا تَرَدّٰى ﴿١١﴾ اِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدٰى ﴿١٢﴾

۽ نه بچائيندو انکي سندس مال جڏهن ڪرندو کڏ ۾، بيشڪ اسان تي آهي راهه ڏيکارڻ،

۽ جڏهن (دوزخ جي) کڏ ۾ اونڌو ڪرندو تڏهن سندس مال کانئس (ڪجهه) نه ٽاريندو. بيشڪ سڌو رستو ڏيکارڻ اسان تي (لازم) آهي.

وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى ﴿١٣﴾ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ﴿١٤﴾

۽ بيشڪ اسان جي آهي آخرت ۽ دنيا. پوءِ مون ڊيڄاريو توهان کي باهه کان جا ڄڀي ٿي ڪري.

۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا (ٻئي) اسان جي وس ۾ آهن. پوءِ اوهان کي باهه کان ڊيڄاريم جو ڄڀي ڪري ٿي.

لَا يَصْلٰىهَآ اِلَّا الْاَشْقَى ﴿١٥﴾ الَّذِيْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿١٦﴾ وَسَيُجَنَّبُهَا

نه پوندو ان ۾ مگر نياڳو، جنهن ڪوڙو ڪيو ۽ منهن موڙيو. ۽ پري ڪيو ويندو ان کان

(اهڙي) وڏي نياڳي کان سواءِ (ٻيو) ڪو ان ۾ ڪو نه گهڙندو. جنهن (اسلام کي) ڪوڙ ڄاتو ۽ ڦيرو ٿيو. ۽ ان (باهه) کان اُنھيءَ

اَلْاَتْقَى ﴿١٧﴾ الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ﴿١٨﴾ وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ

پرهيزگار، جيڪو ڏئي ٿو پنهنجي مال کي تہ پاڪ ٿئي. ۽ ناهي ڪنهن جو ان تي

وڏي پرهيزگار کي پاسي ڪبو. جيڪو پنهنجو مال (الله جي واٽ ۾) ڏئي ٿو تہ پاڪ (دل) ٿئي. ۽ مٿس (اهڙي) ڪنهن جو

مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰٓى ﴿١٩﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ﴿٢٠﴾

ڪو ٿورو ٿيل جو لاهجي، پر ڏئي ٿو گهرندي رضا پنهنجي رب وڏي شان واري جي.

ڪو احسان ٿيل نہ آهي، جنهن جو بدلو ڏجي. پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو).

ع ٢١ ١٧ ١

وَلَسَوْفَ يَرْضٰى ﴿٢١﴾

۽ سگهو سرهو ٿيندو.

۽ ضرور جلد خوش ٿيندو.

سُوْرَةُ الضُّحٰى مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ١١ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالضُّحٰى ﴿١﴾ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ﴿٢﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ﴿٣﴾ وَ

قسم ڪچڙيءَ منجهند جو، قسم رات جو جڏهن ڇانئجي، تہ نہ ڇڏيو توکي تنهنجي پالڻهار ۽ نہ بيزار ٿيو. ۽

مٿي آيل ڏينهن جو قسم آهي. ۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن ڍڪي ٿي. تہ (اي پيغمبر!) تنهنجي پالڻهار توکي نہ ڇڏيو ۽ نڪي ناراض ٿيو. ۽

لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ﴿٤﴾ وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ﴿٥﴾

بيشڪ پوئين حالت بهتر آهي تولاءِ پهرين کان. ۽ جلد عطا ڪندو توکي تنهنجو رب پوءِ راضي ٿيندين.

بيشڪ آخرت تولاءِ دنيا کان گهڻو چڱي آهي. ۽ تنهنجو پالڻهار توکي سگهوئي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين.

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ﴿٦﴾ وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ﴿٧﴾ وَ

ڇا نہ ڏٺائين توکي يتيم پوءِ جڳهہ ڏنائين، ۽ لڌائين توکي اڻ واقف پوءِ رستي لاتائين. ۽

توکي يتيم نہ ڏٺائين ڇا؟ پوءِ (توکي) جاءِ ڏنائين. ۽ توکي ناواقف ڏٺائين پوءِ (شريعت جي) رستي لاتائين. ۽

وَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ﴿٨﴾ فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ﴿٩﴾ وَاَمَّا

ڏٺائين توکي مسڪين پوءِ آسودو ڪيائين. پوءِ يتيم تي سختي نہ ڪجانءِ. ۽

توکي مسڪين ڏٺائين، پوءِ آسودو ڪيائين. تنهن ڪري يتيم تي (تون) ڏاڍ نہ ڪر. ۽

ع ١١ ١٨ ١

السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿١٠﴾ وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿١١﴾

سوالي کي جهڻڪ نہ ڏجانءِ. ۽ جا مهرباني تنهنجي پروردگار جي آهي پوءِ بيان ڪر.

سواليءَ کي نہ جهڻڪ. ۽ پنهنجي پالڻهار جي نعمت جو بيان ڪندو رهہ.

سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٨ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ① وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ② الَّذِيْٓ

اي نبي ڇا نہ کوليوسون تولاءِ سينو تنهنجو، ۽ لاٿوسون توکان بار تنهنجو جنهن

(اي پيغمبر!) تنهنجو سينو تو لاءِ ڪشادو نہ ڪيو اٿئون ڇا؟ ۽ تنهنجو (اهو) بار توکان لاٿوسون. جنهن

اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ③ وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ④ فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ⑤

ٽڙڪايو پٺي تنهنجي کي ۽ مٿانهون ڪيوسون تولئہ تنهنجي ذڪر کي، پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ

تنهنجي پٺيءَ کي ڳرو ڪيو هو. ۽ تنهنجي ساراهہ تو لاءِ مٿاهين ڪئي سون. چو تہ بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي.

اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ⑥ فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ⑦ وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ⑧ ع ٨ ١٩

بيشڪ ڏک سان گڏ سُک آهي. پوءِ جڏهن واندو ٿئين، تہ پوءِ محنت ڪر، ۽ پنهنجي رب ڏي پوءِ ڌيان ڪر.

بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي. تنهن ڪري جڏهن واندو ٿئين تڏهن (عبادت لاءِ) ڪڙو ٿيءُ. ۽ خاص پنهنجي پالڻهار ڏانهن دل لڳاءِ.

سُوْرَةُ التِّيْنِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٨ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ ① وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ② وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ③

قسم انجير جو ۽ زيتون جو، قسم طور سينا جو، قسم هن شهر امن واري جو.

انجير ۽ زيتون جو قسم آهي. ۽ طورسينا جو. ۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو.

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ④ ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ

تہ بيشڪ پيدا ڪيوسون انسان کي تمام سهڻي انداز ۾، وري هٽايون انکي هيٺاهن

تہ بيشڪ انسان کي تمام سهڻي اندازي (۽ صورت) ۾ پيدا ڪيوسون. وري سڀني هيٺاهين کان هيٺ موٽايوسونس.

سٰفِلِيْنَ ⑤ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ

کان هيٺ، مگر جن ايمان آندو ۽ ڪياڪم چڱا تن لاءِ آهي اجر

پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن لاءِ اڻ ڪٽ اجر آهي.

غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ⑥ فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِ ⑦ اَلَيْسَ اللّٰهُ

اڻ ڪٽ، پوءِ ڪهڙي شيءِ منڪر ٿي بڻائي توکي هن کانپوءِ قيامت کان. ڇا ناهي الله

پوءِ (اي انسان!) هن (نصيحت) کان بعد ڪهڙي شيءِ توکي عملن جي بدلي ملڻ بابت منڪر بڻائي ٿي؟

ع ٢٠

بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨﴾ ع

ڏاڍو حاڪم سڀني ڪان.

حاڪمن جو وڏو حاڪم الله نہ آهي ڇا؟

سُوْرَةُ الْعَلَقِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٩ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ﴿١﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ﴿٢﴾

پڙهہ نالي پنهنجي رب جي سان جنهن پيدا ڪيو. پيدا ڪيائين انسان کي رت جي ڏڳ مان.

(اي پيغمبر!) پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهہ جنهن (سارو جڳ) خلقيو. ماڻهوءَ کي رت جي ڏڳ مان بڻايائين.

اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ ﴿٣﴾ الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ﴿٤﴾ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ

پڙهہ ۽ پالڻهار تنهنجو ڏاڍو ڪريم آهي. جنهن سيکاريو قلم سان، سيکاريائين انسان کي

پڙهہ ۽ تنهنجو پالڻهار ڏاڍو سڳورو آهي. جنهن (ماڻهوءَ کي علم) قلم سان سيکاريو. آهي (ڳالهيون) ماڻهوءَ کي سيکاريائين

مَا لَمْ يَعْلَمْ ﴿٥﴾ كَلَّاۤ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰۤى ﴿٦﴾ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى ﴿٧﴾

جيڪي نہ ڄاڻندو هو. خبردار بيشڪ ماڻهو حد کان لنگهي ٿو، جڏهن پاڻئي ٿو پاڻ کي بي پرواهہ.

جي نہ ڄاڻندو هو. سچ آهي تہ بيشڪ ماڻهو سرڪشي ڪندو آهي. جڏهن اهو پاڻ کي بي پرواهہ ڏسندو آهي.

اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ﴿٨﴾ اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰى ﴿٩﴾ عَبْدًا اِذَا

يقينن تنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهي. ڇا ڏٺو تو ان کي جو روڪي پيو، ٻانهي کي جڏهن

بيشڪ تنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. اهو ڏٺو اٿيئي ڇا جيڪو جهليندو آهي؟ (منهنجي) ٻانهي کي جڏهن

صَلّٰى ﴿١٠﴾ اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰۤى ﴿١١﴾ اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ﴿١٢﴾

نماز پڙهيائين. ڀلا خبر ڏي جيڪڏهن اهو هجي سڌي راهہ تي، يا حڪم ڪري پرهيزگاري جو.

اهو نماز پڙهندو آهي. ڏٺو اٿيئي ڇا تہ جيڪڏهن (اهو ماڻهو) سڌي رستي تي هجي ها! يا پرهيزگاريءَ جو حڪم ڪري ها.

اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿١٣﴾ اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ﴿١٤﴾

ڀلا خبر ڏي جي ڪوڙو ڪري ٿو ۽ منهن موڙي ٿو. ڇا نہ ٿو ڄاڻي تہ الله ڏسي ٿو.

ڏٺو اٿيئي ڇا تہ جيڪڏهن ڪوڙ ڀانيائين ۽ ڦيرو ڦيو. تہ (هيءُ) نہ ڄاتائين ڇا؟ تہ الله ڏسي ٿو.

كَلَّا لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ ۙ۬ لَنَسْفَعًا بِالنَّاصِيَةِ ﴿١٥﴾ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ

خبردار جيڪڏهن نہ مڙيو، تہ ضرور گهليندا سون ان کي چوٽي کان وٺي، چوٽي ڪوڙي

ائين نہ آهي! قسم آهي تہ جيڪڏهن پاڻ نہ پليندو تہ ضرور پيشانيءَ جي وارن کان وٺي گهليندا سونس. اها پيشاني جا ڪوڙي

خَاطِئَةٍ ﴿١٦﴾ فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ ﴿١٧﴾ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿١٨﴾ كَلَّا

گنهگار. پوءِ پل تہ سڏي پنهنجي ڪچهري کي. اسان بہ سڏينداسون هڪ پيادي کي. خبردار

گنهگار آهي. پوءِ پلي تہ پنهنجي ڪچهريءَ وارن کي سڏي. اسين بہ دوزخ جي داروغن کي سڏينداسون. ائين نہ آهي،

لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ﴿١٩﴾ ع ١٩ -٢٠ السجدة ١٤

نہ چيو وڃانءِ انهيءَ جو ۽ تون سجدو ڪر ۽ ويجهو ٿيءُ.

تون چيو نہ مڃينس ۽ سجدو ڪر ۽ (الله کي) ويجهو ٿيءُ.

سُوْرَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٥ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ﴿٢﴾

بيشڪ اسان نازل ڪيوسون ان کي قدر جي رات ۾. ۽ ڇا خبر توکي تہ ڇا آهي ليلة القدر.

بيشڪ اسان قرآن شب قدر ۾ لاٿو. ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ شب قدر ڇا آهي؟ شب قدر

لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا

ليلة القدر وڌيڪ ڀلي آهي هزار مهينن کان. لهن ٿا ملائڪ ۽ جبرئيل ان ۾

هزار مهينن کان ڀلي آهي. منجهس ملائڪ ۽ روح (جبريل) پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان

بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِّنْ كُلِّ اَمْرٍ ﴿٤﴾ سَلٰمٌ ۛ هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿٥﴾ ع ٥ -٢١

پنهنجي پروردگار جي موڪل سان سڀني ڪمن لاءِ امن آهي اها رات پرهه ڦٽڻ تائين.

سڀڪنهن ڪم (جي پورائيءَ) لاءِ لهندا آهن. انهيءَ رات پرهه ڦٽڻ تائين سلامتي آهي.

سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٨ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ

نہ هئا اهي جن ڪفر ڪيو اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان

ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي (ايسين پنهنجي رسم کان) الڳ ٿيڻ وارا نہ هيا

مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿١﴾ رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا

مڙندڙ جيستائين اچي انهن وٽ ڪو چٽو دليل، الله جو رسول جو پڙهي ٻڌائي ٿو

جيسين وٽن پڌري حجت (نہ) اچي، (يعني) الله جو پيغمبر جو پاڪ صحيفا پڙهي.

صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۙ ﴿٢﴾ فِيهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ﴿٣﴾ وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِينَ أُوتُوا

سورتون پاڪ، جن ۾ هجن مضمون سڌا. ۽ نہ جدا ٿيا اهل

جن ۾ سڌا سنوان لکيل حڪم هجن. ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو، سي پاڻ وٽ پڌريءَ حجت جي

الْكِتَابَ إِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿٤﴾ وَمَا أُمِرُوا إِلَّا

ڪتاب، مگر هن ڪان بعد جڏهن جو آيو انهن وٽ چٽو دليل، ۽ نہ حڪم ڪيو ويو هوانهن کي مگر

اچڻ کان پوءِ ٽولا ٽولا ٿيا. ۽ هن کان سواءِ (ٻيو) ڪو حڪم نہ ڪيو ويو تہ

لِيَعْبُدُوا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ حُنَفَاءَ وَيُقِيمُوا الصَّلَاةَ

جيئن عبادت ڪن الله جي سچائي رکندڙ ان جي دين لاءِ هڪ طرفا ٿي ۽ قائم ڪن نماز کي

باطل کان منهن موڙي الله جي عبادت ڪن ۽ نماز پڙهندا رهن

وَيُؤْتُوا الزَّكَاةَ وَذَٰلِكَ دِينُ الْقَيِّمَةِ ﴿٥﴾ إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ

۽ ڏين زڪوات کي ۽ اهو آهي دين مضبوط. يقينن جيڪي منڪر ٿيا

۽ زڪوات ڏيندا رهن ۽ اهوئي سڌو دين آهي. بيشڪ ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان

أَهْلِ الْكِتَابِ وَالْمُشْرِكِينَ فِي نَارِ جَهَنَّمَ خَالِدِينَ فِيهَا أُولَٰئِكَ

اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان هوندا باهہ دوزخ ۾ يڪو رهندا اتي، اهي

جن ڪفر ڪيو سي دوزخ جي باهہ ۾ پوندا. منجهس سدائين رهندڙ هوندا. اِهي ئي

هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ﴿٦﴾ إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ

ئي بڇڙا آهن سڀ خلق کان، بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا

(ساريءَ) خلق کان (تمام) بڇڙا آهن. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

أُولَٰئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ﴿٧﴾ جَزَاؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنَّاتُ

اهي ئي بهتر آهن سڀ خلق کان. بدلو انهن جو سندن پاليندڙ وٽ آهن باغ

اِهي ئي (ساريءَ) خلق کان ڀلا آهن. سندن بدلو سندن پالڻهار وٽ هميشہ جي رهڻ وارا باغ آهن،

عَدْنٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا رَضِيَ

سدائين رهڻ لاءِ وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون سدائين رهندا ان ۾ هميشہ لاءِ، راضي ٿيو

جن جي هيٺان نهرون پيون وهن، انهن ۾ هميشہ سدائين رهندڙ هوندا،

اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ ذَٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهُ ﴿٨﴾ ع

الله انهن کان ۽ اهي راضي ٿيا ان کان، اهو آهي انهيءَ لاءِ جيڪو ڊنو پنهنجي رب کان.

الله کانئن راضي ٿيو ۽ اهي کانئس راضي ٿيا، اِهو (وعدو) انهيءَ لاءِ آهي، جيڪو پنهنجي پالڻهار کان ڊنو.

ع ٢٤

سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ مَدَنِيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ | اٰيَاتُهَا ٨ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ① وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ②

جڏهن ڌوڏي ويندي ڌرتي پنهنجي ڌوڏي آهر. ۽ ٻاهر ڪيندي ڌرتي ڳرا بار پنهنجا،

جڏهن زمين کي سندس (چڱي) ڌوڏڻ سان ڌوڏبو. ۽ زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪيندي.

وَقَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ③ يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ④ بِاَنَّ

۽ چوندو انسان تہ ڇا ٿيو اٿس؟ ان ڏينهن ٻڌائيندي خبرون پنهنجون، ڇو تہ

۽ انسان (عجب کان) چوندو تہ زمين کي ڇا ٿيو آهي؟ اُن ڏينهن (اُها) پنهنجيون (سڀ) خبرون بيان ڪندي. هن ڪري جو تنهنجي

رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ⑤ يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ لِّيُرَوْا

تنهنجي رب حڪم ڪيو آهي ان کي. تنهن ڏينهن نڪرندا ماڻهو ٽولا ٽولا ڪري، تہ انهن کي ڏيکاريا وڃن

پالڻهار ڏانهس حڪم ڪيو آهي. اُن ڏينهن ماڻهو (حساب جي جاءِ کان) ڌار ڌار ٽولين ٿي ورندا تہ سندن

اَعْمَالَهُمْ ⑥ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ⑦ وَمَنْ

سندن عمل. پوءِ جنهن ڪئي ذري جيتري ڀلائي ڏسندو انکي، ۽ جنهن

عمل کين ڏيکارجن. پوءِ جنهن ذري جيترو چڱو ڪم ڪيو هوندو، سو ان کي ڏسندو. ۽ جنهن

يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ⑧

ڪئي ذري جيتري برائي ڏسندو انکي.

ذري جيترو بد ڪم ڪيو هوندو سو اُن کي ڏسندو.

سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ | اٰيَاتُهَا ١١ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ① فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ② فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ③

قسم ڀڄندڙن گهوڙن جو هانبارو هڻي. پوءِ چڻنگون ڪيندڙن جو سُنب ٺوڪي، پوءِ لُٽ ڪندڙن جو پرهہ ڦٽي،

هانپارو هڻي ڊوڙندڙن گهوڙن جو قسم آهي. پوءِ پٿرن تي نعلن هڻڻ سان چڻنگن ڪيندڙن (گهوڙن) جو قسم آهي. پوءِ صبح جي مهل لُٽ ڪندڙ

فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ④ فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ⑤ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ

پوءِ اٿاريائون ان مهل دز کي، پوءِ گهڙيا ان مهل لشڪر ۾، تہ بيشڪ انسان پنهنجي پاليندڙ جو

(گهوڙن) جو قسم آهي. جو اُن مهل رڙي اٿارين، پوءِ اُن گهڙيءَ (دشمن جي) ٽوليءَ جي وچ ۾ پون. تہ بيشڪ ماڻهو پنهنجي پالڻهار جو

لَكَنُوْدٌ ۚ ⑥ وَ اِنَّهٗ عَلٰی ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ۚ ⑦ وَ اِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ؕ ⑧
ناشڪر آهي. ۽ بيشڪ اهو پاڻ انهيءَ تي واقف آهي. ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ سخت آهي.
وڏو بي شڪر آهي. ۽ بيشڪ اهو پاڻ انهيءَ تي شاهد آهي. ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ ڏاڍو سخت آهي.

اَفَلَا يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ مَا فِی الْقُبُوْرِ ۙ ⑨ وَ حُصِّلَ مَا فِی الصُّدُوْرِ ۙ ⑩
ڇا پوءِ نه ٿو ڄاڻي جڏهن اُٿاريا ويندا جيڪي قبرن ۾ آهن. ۽ پڌرو ڪيو ويندو اهو جيڪي سينن ۾ آهي.
(انهيءَ وقت ڪي) نه ڄاڻندو آهي ڇا، جنهن وقت انهن کي اُٿاربو جيڪي قبرن ۾ آهن؟ ۽ جيڪي سينن ۾ آهي سو پڌرو ڪبو.

اِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ۠ ⑪
بيشڪ رب انهن جو انهن جي تنهن ڏينهن خبر رکندڙ آهي.
بيشڪ اُن ڏينهن سندن پالڻهار سندن (حال جي) خبر رکندڙ آهي.

سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١١ رُكُوْعُهَا ١
شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلْقَارِعَةُ ۙ ① مَا الْقَارِعَةُ ۚ ② وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ؕ ③ يَوْمَ
کڙڪائيندڙ. ڇا آهي کڙڪائيندڙ. ۽ ڇا خبر توکي ته ڇا آهي کڙڪائيندڙ. جنهن ڏينهن
سخت ٺوڪيندڙ. (اها) سخت ٺوڪيندڙ ڇا آهي؟ ۽ ڪنهن سمجهايئي ته (اها) سخت ٺوڪيندڙ ڇا آهي؟ جنهن

يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ۙ ④ وَ تَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ
ٿيندا ماڻهو جيئن پتنگ پکڙيل. ۽ ٿيندا جبل رنگارنگي پڃيل
ڏينهن ماڻهو پکڙيل پتنگن وانگر هوندا. ۽ جبل تنبيل رڱيل اُن جيان هوندا.

الْمَنْفُوْشِ ؕ ⑤ فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ ۙ ⑥ فَهُوَ فِیْ عِيْشَةٍ
اُن جهڙا. پوءِ جنهن جا ڳرا ٿيا پڙ تارازيءَ جا. پوءِ اهو گذران
پوءِ جنهن (جي عملن) جا ترارا ڳرا ٿيا. سو دل پسند زندگيءَ ۾ هوندو.

رَّاضِيَةٍ ؕ ⑦ وَ اَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ۙ ⑧ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ؕ ⑨
پسند ڪيل ۾ هوندو. ۽ جنهن جا هلڪا ٿيا پڙ. پوءِ جاءِ ان جي هاويه آهي.
۽ جنهن (جي عملن) جا ترارا هلڪا ٿيا. تنهن (جي رهڻ) جي جاءِ هاويه آهي.

وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِيَهْ ؕ ⑩ نَارٌ حَامِيَةٌ ۠ ⑪
(اي نبي) توکي ڇا خبر ته ڇا آهي اها؟ اها باهه آهي تمام گرم.
۽ ڪنهن سمجهايئي ته اها (هاويه) ڇا آهي؟. هڪ ٻرندڙ باهه آهي.

سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ | اٰيَاتُهَا ٨ رُكُوعُهَا ١

شروع الله ﭜاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ﭜاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ① حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ② كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ③ ثُمَّ

غافل ڪيو توهان کي گهڻائي ڏيکارڻ، تان جو ڏٺيون توهان قبرون. خبردار اجهو ڄاڻندا توهان، وري

(اي انسانؤ!) ﭘاڻ ۾ گهڻائيءَ (جي حرص) اوهان کي (آخرت کان) غافل ڪيو. تان جو قبرن کي ڏٺوَ. ائين نہ آهي. سگهوئي ڄاڻندؤ.

كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ④ كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ ⑤ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ⑥

خبردار اجهو ڄاڻندا توهان. خبردار جيڪر ڄاڻو ها ڄاڻڻ پڪو. قسم آهي ضرور ڏسندؤ دوزخ کي.

(وري چئون ٿا تہ) نہ نہ! سگهوئي ڄاڻندؤ. اصل نہ! جيڪڏهن پڪي ويساهہ سان ڄاڻو ها (تہ غافل نہ ٿيو ها). (قسم آهي!) تہ ضرور دوزخ کي ڏسندؤ.

ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ ⑦ ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ⑧ ع ٨ ٢٧

پوءِ ضرور توهان ڏسندؤ انکي يقين جي اک سان، پوءِ ضرور اوهان کان پڇيو ويندو ان ڏينهن نعمت بابت.

وري بہ اُن کي يقين واريءَ اک ساڻ ضرور ڏسندؤ. وري اُن ڏينهن نعمتن بابت اوهان کان ضرور پڇبو.

سُوْرَةُ الْعَصْرِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ | اٰيَاتُهَا ٣ رُكُوعُهَا ١

شروع الله ﭜاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ﭜاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالْعَصْرِ ① اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ② اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

قسم آهي ٽيپهري جو، تہ بيشڪ ماڻهو ٽوٽي ۾ آهي، مگر جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم

زماني جو قسم آهي. تہ بيشڪ انسان گهاٽي ۾ آهي. سواءِ اُنهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ③ ع ٣ ٢٨

چڱا ۽ هڪٻئي کي پارت ڪيائون حق جي ۽ هڪٻئي کي پارت ڪيائون سهپ جي.

۽ هڪ ٻئي کي سچ جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون.

سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ | اٰيَاتُهَا ٩ رُكُوعُهَا ١

شروع الله ﭜاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ﭜاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ① الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ②

تباهي آهي هر گلاخور ٽوڪ ڪندڙ لاءِ، جنهن ميڙيو مال کي ۽ ڳڻي رکيو ان کي،

(اُنهيءَ) سڀڪنهن گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ ويل آهي. جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اُهو ڳڻي ڳڻي رکيائين.

يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ۚ ﴿٣﴾ كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ فِى الْحُطَمَةِ ۖ ﴿٤﴾

پائي ٿو ته سندس مال سدائين رهندو ان کي. ائين ناهي ضرور کيس اُڇلايو ويندو حطمه ۾.

پائيندو آهي ته سندس مال کيس سدائين رهائيندو. هرگز ائين نه آهي، ضرور حُطمه ۾ اڇلائبس. ۽

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ۗ ﴿٥﴾ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۙ ﴿٦﴾ الَّتِىْ تَطَّلِعُ

۽ ڇا خبر تو کي ته ڇاهي حطمه باهه الله جي ٻاريل، جا چڙهي ايندي

ڪنهن سمجهايئي ته حُطمه ڇا آهي؟ الله جي ٻاريل باهه آهي. جا دلين تي چڙهندي.

ع ١ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ۗ ﴿٧﴾ اِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ۙ ﴿٨﴾ فِىْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ﴿٩﴾ ع

دلين تي. بيشڪ اها انهن تي دميل آهي، ڇمنين ڊگهين ۾.

بيشڪ اها مٿن در بند ڪيل آهي. (جنهن حالت ۾ آهي) ڊگهن ٿنين ۾ (ٻڌل هوندا).

سُوْرَةُ الْفِيْلِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٥ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ۗ ﴿١﴾ اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ

ڇا تو نه ڏٺو ڪيئن ڪيو تنهنجي پروردگار هاٿي وارن سان. ڇا نه ڪيائين انهن جي رٿ

(اي پيغمبرا) نه ڏٺئي ڇا؟ ته تنهنجي پالڻهار هاٿيءَ وارن سان ڪيئن ڪيو؟ سندن (بڇڙيءَ) رٿ کي بي فائدگيءَ ۾

فِىْ تَضْلِيْلٍ ۙ ﴿٢﴾ وَّاَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ۙ ﴿٣﴾ تَرْمِيْهِمْ

رد، ۽ موڪليائين انهن تي پکي ولر ولر، جو هڻن پيا انهن تي

نه ڪيائين ڇا؟ ۽ ولر ولر پکي مٿن موڪليائين. جن ڪنڪريٽ جون پٿريون

ع ١ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ۖ ﴿٤﴾ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ﴿٥﴾ ع

پٿريون ساڪر جون، پوءِ ڪيائين انهن کي جيئن گاهه اولڙ.

ڪين هنيون ٿي. پوءِ اولڙ گاهه جيان ڪين ڪيائين.

سُوْرَةُ قُرَيْشٍ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٤ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ۙ ﴿١﴾ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ ۚ ﴿٢﴾

چاهه ڏيارڻ لاءِ قريش کي، چاهه ڏيارڻ لاءِ انهن کي سفر سياري ۽ اونهاري جي ۾.

قريشن کي اُلفت ڏيارڻ (جي احسان جي شڪر) سببان. (جو) سياري ۽ اونهاري جي سفر ۾ ڪين الفت ڏيارڻ آهي.

فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ۙ﴿٣﴾ الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ۵

پوءِ ڀل تہ عبادت ڪن هن گهر جي مالڪ جي، جنهن ڪارايو انهن کي بک کان،

تنهن ڪري گهرجين تہ هِن گهر جي (اُنهيءَ) مالڪ جي عبادت ڪن. جنهن کين بک ۾ ڪاڌو ڪارايو

وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ﴿٤﴾ ع

۽ بچايو انهن کي ڊپ کان.

۽ کين ڀئو کان اَمن ڏنو.

سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٧ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ؕ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۙ﴿٢﴾

(اي نبي) ڇا ڏٺو تو اهو جو ڪوڙو ڪري پيو بدلي ملڻ کي. پوءِ هي اهو آهي جو لوڏي ٿو ڇوري ٻار کي،

(اي پيغمبر!) اُنهيءَ کي ڏٺئي ڇا؟ جيڪو عملن جي بدلي ملڻ کي ڪوڙ ڀائيندو آهي. پوءِ هيءُ اُهو آهي جو ڇوري ٻار کي ڌڪيندو آهي.

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ؕ﴿٣﴾ فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۙ﴿٤﴾

۽ نہ ٿو شوق ڏياري ڪارائڻ غريب جي تي. پوءِ تباهي آهي انهن نمازين لاءِ،

۽ (ڪنهن کي) مسڪين جي ڪارائڻ تي رغبت نہ ڏياريندو آهي. پوءِ اُنهن نمازين لاءِ ويل آهي.

الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۙ﴿٥﴾ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۙ﴿٦﴾ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ﴿٧﴾ ع

جيڪي اهي نماز پنهنجي کان ويسلا آهن، جيڪي اهي ڏيکاءُ ڪن ٿا، ۽ روڪين ٿا اُڌاريون شيون.

جي پنهنجين نمازن کان غافل رهندا آهن. اُهي جيڪي رياءُ ڪندا آهن. ۽ (اڌاريون گهريل) معمولي شيون جهليندا آهن.

سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٣ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ؕ﴿١﴾ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ؕ﴿٢﴾ اِنَّ

بيشڪ اسان عطا ڪيوسون توکي ڪوثر. پوءِ تون نماز پڙهہ پنهنجي رب لاءِ ۽ اُٺ ذبح ڪر. بيشڪ

(اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو. تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار جي لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر. بيشڪ

شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ﴿٣﴾ ع

ويري تنهنجو لنڊو آهي.

تنهنجو ويري ئي بي نسل آهي.

سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٦ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿١﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢﴾ وَلَآ اَنْتُمْ

(اي نبي) چؤ اي كافرو! نه عبادت كندس مان جنهنكي اوهان پوڄيو ٿا، ۽ نه اوهان

(اي پيغمبر! كافرن كي) چئو ته، اي كافرو! نكي (آءٌ) ان جي عبادت كندس جنهن جي (اوهين) عبادت كندا آهيو. ۽ نكي اوهين

عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ﴿٣﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ﴿٤﴾ وَلَآ اَنْتُمْ

عبادت كندڙ آهيو جنهنجي مان عبادت كريان ٿو. ۽ نه مان عبادت كندڙ آهيان جنهنجي اوهان پوڄا كئي، ۽ نه اوهان

ان جي عبادت كندڙ جنهن جي آءٌ عبادت كندو آهيان. ۽ نكي آءٌ ان جي عبادت كندس جنهن جي اوهان عبادت كئي. ۽ نكي اوهين

عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ﴿٥﴾ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ﴿٦﴾

عبادت كندڙ آهيو جنهن جي مون عبادت كريان ٿو. توهان لاءِ توهان جو دين آهي ۽ مون لاءِ منهنجو دين.

ان جي عبادت كندڙ جنهن جي آءٌ عبادت كندو آهيان. اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي.

سُوْرَةُ النَّصْرِ مَدَنِيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٣ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ﴿١﴾ وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ

(اي پيغمبر) جڏهن اچي مدد الله جي ۽ ٿئي فتح مكي، ۽ تون ڏسين ماڻهن كي داخل ٿيندي الله جي دين ۾

جڏهن الله جي مدد ۽ سوڀ اچي. ۽ ماڻهن كي الله جي دين ۾ ٽوليون ٽوليون ٿي گهڙندو ڏسين.

اللّٰهِ اَفْوَاجًا ﴿٢﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ۚ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ﴿٣﴾

ٽولا ٽولا كري، پوءِ تون پاكائي پڙهه حمد پنهنجي رب جي سان ۽ معافي گهر ان كان، بيشڪ اهوئي آهي توبه قبوليندڙ.

تڏهن (تون) پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان گڏ پاكائي بيان كر ۽ كانئس بخشش گهر! ڇو ته اُهو ٻاجهه سان موٽندو آهي.

سُوْرَةُ اللَّهَبِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٥ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ﴿١﴾ مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ﴿٢﴾

ڀڄن ٻئي هٿ ابولهب جا ۽ وڃي وڃي پاڻ. نه كم آيو ان كي سندس مال ۽ سندس كمائي.

ابولهب جا هٿ (شال) ڀڄن ۽ (شال پاڻ به) هلاك ٿئي. سندس مال ۽ جيكي كمايائين تنهن كانئس (الله جو عذاب) نه ٽاريو.

سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۚ ۳ وَّامْرَاَتُهٗ ؕ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۚ ۴

اجهو پوندو باهه جيڪي واريءَ ۾، ۽ زال ان جي به جا ڪاٺيون ڍوئيندڙ آهي.

جيڪي واريءَ باهه ۾ سگهو گهڙندو. ۽ سندس زال به جا ڪاٺين (جي لڏ) کڻندڙ آهي.

فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ۵ ع ع-٥/٣٦

ڪنڌ ان جي ۾ رسو هوندو ڪاٻر جو.

جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪاٻر جو نوڙ پيل آهي.

سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٤ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ ۱ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ ۲ لَمْ يَلِدْ ۙ ۵ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ ۳

(اي نبي) چئو ته اهو الله هڪڙو ئي آهي. الله بي پرواهه آهي. نه ڄڻيائين، ۽ نه ڄڻيو ويو.

(اي پيغمبر ڪافرن کي) چئو ته، الله اڪيلو آهي. الله بي احتياج آهي. نڪي ڄڻيائين ۽ نڪي ڄڻيو ويو.

وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۴ ع ع-٤/٣٧

۽ نه آهي ان جو مَٽ ڪوئي.

۽ سندس برابر ڪو به ڪونهي.

سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٥ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ ۱ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ ۲ وَمِنْ شَرِّ

(اي نبي) چؤ مان پناهه ٿو وٺان صبح جي سائين جي، انهن جي بڇڙائي کان جنکي پيدا ڪيائين، ۽ بڇڙائي

(اي پيغمبر!) چئو ته، صبح جي رب جي پناهه گهران ٿو. جيڪي پيدا ڪيو اٿس، تنهن جي بڇڙائيءَ کان. ۽ اونداهي ڪندڙ

غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ ۳ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ ۙ ۴ وَ

انڌيريءَ رات جي کان جڏهن ڳڳهه ٿئي، ۽ بڇڙائيءَ ڦيٽڻ ڦوڪيندڙن جي کان ڳنڍين ۾، ۽

(رات) جي بڇڙائيءَ کان جڏهن اها پکڙجي. ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪندڙين (عورتن) جي بڇڙائيءَ کان. ۽

مِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ۵ ع ع-٥/٣٨

بڇڙائي ساڙيلي جي کان جڏهن ساڙ ڪري.

مسهَوءَ جي بڇڙائيءَ کان جڏهن (اهو) مسهائي ڪري.

سُوْرَةُ النَّاسِ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ اٰيَاتُهَا ٦ رُكُوْعُهَا ١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿١﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿٢﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿٣﴾

(اي نبي) چؤ مان پناه ٿو وٺان ماڻهن جي پروردگار جي، ماڻهن جي بادشاهه جي، ماڻهن جي سچي الاهه جي،

(اي پيغمبرا) چئو ته، ماڻهن جي پالڻهار جي پناهه گهران ٿو. ماڻهن جي بادشاهه جي. ماڻهن جي (سچي) معبود جي.

مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ۙ﴿٤﴾ الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ

بچڙائيءَ وسوسي وجهندڙ جي کان، پٺتي پرکي ويندڙ کان، جيڪو گهڙي وجهي ٿو

پٺتي هٽي ويندڙ (شيطان) جي وسوسن جي بچڙائيءَ کان. جيڪو ماڻهن جي سينن ۾

صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ﴿٥﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ﴿٦﴾ ع

ماڻهن جي دلين ۾، جنن ۽ ماڻهن مان.

وسوسو وجهي ٿو. جو جنن (جي جنس) مان هجي يا ماڻهن (جي جنس) مان.

دُعَاءُ خَتْمِ الْقُرْاٰنِ

خَتم قرآن مجيد کانپوءِ دعا

اَللّٰهُمَّ اٰنِسْ وَحْشَتِيْ فِيْ قَبْرِيْ اَللّٰهُمَّ ارْحَمْنِيْ بِالْقُرْاٰنِ

اي الله! ورونهه ڏي منهنجي اڪيلائپ کي قبر ۾ اي الله! رحم ڪر مون تي قرآن

الْعَظِيْمِ وَاجْعَلْهُ لِيْ اِمَامًا وَّنُوْرًا وَّهُدًى وَّرَحْمَةً اَللّٰهُمَّ

عظيم سان ۽ ڪر ان کي منهنجي لاءِ رهبر ۽ نور ۽ هدايت ۽ رحمت. اي الله ياد ڏيار

ذَكِّرْنِيْ مِنْهُ مَا نَسِيْتُ وَعَلِّمْنِيْ مِنْهُ مَا جَهِلْتُ وَارْزُقْنِيْ

مون کي ان مان جيڪي وساريم ۽ سيکار مون کي ان مان جيڪي نه ڄاتم ۽ نصيب

تِلَاوَتَهٗ اٰنَاءَ الَّيْلِ وَاٰنَاءَ النَّهَارِ وَاجْعَلْهُ لِيْ حُجَّةً يَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ○

ڪر مون کي تلاوت ان جي رات جي وقتن ۽ ڏينهن جي وقتن ۾ ۽ ڪر انهيءَ کي منهنجي لاءِ دليل اي پروردگار جهانن جا

قرآن مجيد جي سورتن جي فهرست

نمبر	سورت جو نالو	صفحو	سيپارو
٦١	سوره الصف	٨٨٣	٢٨
٦٢	سوره الجمعه	٨٨٦	٢٨
٦٣	سوره المنافقون	٨٨٩	٢٨
٦٤	سوره التغابن	٨٩١	٢٨
٦٥	سوره الطلاق	٨٩٤	٢٨
٦٦	سوره التحريم	٨٩٨	٢٨
٦٧	سوره الملڪ	٩٠٢	٢٩
٦٨	سوره القلم	٩٠٦	٢٩
٦٩	سوره الحآقة	٩١٠	٢٩
٧٠	سوره المعارج	٩١٣	٢٩
٧١	سوره نوح	٩١٧	٢٩
٧٢	سوره الجن	٩٢٠	٢٩
٧٣	سوره المزمل	٩٢٣	٢٩
٧٤	سوره المدثر	٩٢٦	٢٩
٧٥	سوره القيامة	٩٢٩	٢٩
٧٦	سوره الدهر	٩٣١	٢٩
٧٧	سوره المرسلات	٩٣٤	٢٩
٧٨	سوره النبا	٩٣٨	٣٠
٧٩	سوره النازعات	٩٤٠	٣٠
٨٠	سوره عبس	٩٤٢	٣٠
٨١	سوره التكوير	٩٤٤	٣٠
٨٢	سوره الانفطار	٩٤٦	٣٠
٨٣	سوره المطففين	٩٤٧	٣٠
٨٤	سوره الانشقاق	٩٤٩	٣٠
٨٥	سوره البروج	٩٥١	٣٠
٨٦	سوره الطارق	٩٥٢	٣٠
٨٧	سوره الاعليٰ	٩٥٣	٣٠
٨٨	سوره الغاشيه	٩٥٤	٣٠
٨٩	سوره الفجر	٩٥٦	٣٠
٩٠	سوره البلد	٩٥٨	٣٠
٩١	سوره الشمس	٩٥٩	٣٠
٩٢	سوره الليل	٩٦٠	٣٠
٩٣	سوره الضحيٰ	٩٦١	٣٠
٩٤	سوره الانشراح	٩٦٢	٣٠
٩٥	سوره التين	٩٦٢	٣٠
٩٦	سوره العلق	٩٦٣	٣٠
٩٧	سوره القدر	٩٦٤	٣٠
٩٨	سوره البينة	٩٦٤	٣٠
٩٩	سوره الزلزال	٩٦٦	٣٠
١٠٠	سوره العاديات	٩٦٦	٣٠
١٠١	سوره القارعة	٩٦٧	٣٠
١٠٢	سوره التكاثر	٩٦٨	٣٠
١٠٣	سوره العصر	٩٦٨	٣٠
١٠٤	سوره الهمزه	٩٦٨	٣٠
١٠٥	سوره الفيل	٩٦٩	٣٠
١٠٦	سوره قريش	٩٦٩	٣٠
١٠٧	سوره الماعون	٩٧٠	٣٠
١٠٨	سوره الكوثر	٩٧٠	٣٠
١٠٩	سوره الكافرون	٩٧١	٣٠
١١٠	سوره النصر	٩٧١	٣٠
١١١	سوره اللهب	٩٧١	٣٠
١١٢	سوره الاخلاص	٩٧٢	٣٠
١١٣	سوره الفلق	٩٧٢	٣٠
١١٤	سوره الناس	٩٧٣	٣٠

ضروري هدايتون

قرآن پڙهڻ جي وقت رمزن، علامتن، زيرن ۽ زبرن جو گهڻو احتياط ڪرڻ گهرجي. قرآن شريف منجھ ويھ جايون اهڙيون آهن، جن ۾ ٿوري بي احتياطي سان زير، زبر ۽ پيش جي ردبدل ٿيڻ سان معنيٰ ڦري ويندي، ۽ ڄاڻي ٻجهي پڙهڻ سان ڪبيري گناهه بلڪ ڪفر تائين نوبت پهچندي.

هيٺين فهرست ۾ اهي ويھ جايون لکجن ٿيون:

نمبرشمار	جاءِ	صحيح	غلط
١	سورة الفاتحة	اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ	اَنْعَمْتُ عَلَيْهِمْ
٢	〃 〃	اِيَّاكَ نَعْبُدُ	اِيَاكَ نَعْبُدُ (بغيرشدّ)
٣	سورة البقرة ع ١٥	وَاِذِ ابْتَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ رَبُّهٗ	اِبْرٰهِيْمُ رَبَّهٗ
٤	〃 〃 ٣٣	قَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ	دَاوٗدَ جَالُوْتُ
٥	〃 اٰية الكرسي ع ٣٤	اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ	اَللّٰهَ (بِالْمَدِّ)
٦	〃 〃 ع ٣٦	وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ	وَاللّٰهُ يُضَاعَفُ
٧	〃 نساء ع ٢٢	رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ	مُبَشَّرِيْنَ وَمُنْذَرِيْنَ
٨	〃 توبه ع ١	مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ وَرَسُوْلُهٗ	وَرَسُوْلِهٖ
٩	〃 بني اسرائيل ع ٢	وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ	مُعَذَّبِيْنَ
١٠	〃 طٰهٰ ع ٧	وَعَصٰۤى اٰدَمُ رَبَّهٗ	اٰدَمَ رَبُّهٗ
١١	〃 انبياء ع ٦	اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ	اِنِّيْ كُنْتَ
١٢	〃 شعراء ع ١١	لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ	مِنَ الْمُنْذَرِيْنَ
١٣	〃 فاطر ع ١٣	يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا	يَخْشَى اللّٰهُ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَآءَ
١٤	〃 صافات ع ٢	فِيْهِمْ مُّنْذِرِيْنَ	مُنْذَرِيْنَ
١٥	〃 فتح ع ٢	صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ	صَدَقَ اللّٰهَ رَسُوْلُهُ
١٦	〃 حشر ع ٣	مُصَوِّرُ	مُصَوَّرُ
١٧	〃 حآقه ع ١	اِلَّا الْخٰطِـُٔوْنَ	اِلَّا الْخَاطَئُوْنَ
١٨	〃 مزمّل ع ١	فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ	فِرْعَوْنَ الرَّسُوْلُ
١٩	〃 مرسلٰت ع ٢	فِيْ ظِلٰلٍ	فِيْ ظَلَلٍ
٢٠	〃 النازعٰت ع ٢	اِنَّمَاۤ اَنْتَ مُنْذِرُ	اَنْتَ مُنْذَرُ

قرآن شريف جي وقفن جون نشانيون

هر هڪ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ جڏهن گفتگو ڪن ٿا تہ ڪٿي رڪجي وڃن ٿا، ڪٿي نٿا رڪجن، ڪٿي گهٽ رڪجن ٿا، ڪٿي زيادہ. ۽ انهن جي رُڪجڻ ۽ نہ رڪجڻ ڪي ڳالھ جي صحيح بيان ڪرڻ ۽ ان جو صحيح مطلب سمجهڻ ۾ وڏو دخل يا لاڳاپو آهي. قرآن مجيد جي عبارت بہ گفتگو يا ڳالھ ٻولھ جي انداز ۾ واقع ٿي آهي. انهيءَ ڪري علم وارن ان جي رڪجڻ نہ رڪجڻ جون نشانيون مقرر ڪري ڇڏيون آهن، جن کي رموز اوقاف قرآن مجيد يعني قرآن مجيد جي وقفن جا نمونا يا نشان چون ٿا. ضروري آهي تہ قرآن مجيد جي تلاوت ڪندڙ انهن رمزن ۽ نشانين کي خيال ۾ رکن. ۽ اُهي هي آهن:

○ جتي ڳالھ پوري ٿي وڃي ٿي، اُتي ننڍڙو گول نشان لکي ڇڏين ٿا، هي حقيقت ۾ گول ت آهي جا بصورت ة لکي وڃي ٿي. ۽ اها وقف تام يا رڪجڻ جي علامت آهي يعني ان تي رڪجڻ گهرجي، هاڻي ة تہ نٿي لکي وڃي پر ننڍڙو گول نشان ڏنو وڃي ٿو. ان کي آيت چون ٿا.

مر: هيءَ علامت يا نشان وقف لازم جي آهي، ان تي ضرور رڪجڻ گهرجي. جيڪڏهن نہ رڪبو تہ گمان آهي تہ مطلب ڇا جو ڇا ٿي وڃي، ان جو مثال سنڌيءَ ۾ هيئن سمجهڻ گهرجي تہ ڪنهن کي هي چوڻو هجي تہ اٿو، نہ ويهو. جنهن ۾ اٿڻ جو امر ٿيل آهي ۽ ويهڻ جي منع ڪيل آهي. تہ اُتو تي رڪجڻ لازم آهي، جيڪڏهن نہ رُڪبو تہ اٿو نہ ويهو ٿي ويندو جنهن ۾ اٿڻ جي منع ۽ ويهڻ جي امر جو گمان آهي. ۽ اهو فائل (چوڻ واري جي) مطلب جي خلاف ٿي ويندو.

ط: وقف مطلق جي نشاني آهي ان تي رڪجڻ گهرجي. پر اها علامت اُتي هجي ٿي جتي مطلب پورو نٿو ٿئي ۽ ڳالھ چوڻ وارو اڃا ڪجھ ٻيو بہ چوڻ گهري ٿو.

ج: وقف جائز جي علامت آهي، هتي رڪجڻ چڱو ۽ نہ رڪجڻ جائز آهي.

ز: علامت وقف مجوز جي آهي. نہ رڪجڻ چڱو آهي.

ص: علامت وقف مرخص جي آهي، هتي ملائي پڙهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪو ٿڪجي رڪجي وڃي تہ موڪل آهي. معلوم رهي تہ ص تي ملائي پڙهڻ ز جي نسبت زيادہ ترجيح رکي ٿو.

صلے: الوصل اوليٰ جو اختصار آهي. هتي ملائي پڙهڻ بهتر آهي.

قلے: الوقف اوليٰ جو اختصار آهي، هتي بيهڻ بهتر آهي.

ق: قيل عليہ الوقف جو اختصار آهي، هتي رڪجڻ نہ گهرجي.

صل: قد يوصل جي علامت آهي. يعني هتي ڪڏهن رڪيو بہ وڃي، ڪڏهن نہ. پر رڪجڻ چڱو آهي.

قف: هن لفظ جي معنيٰ آهي: رڪجي وڃو. ۽ اها علامت اُتي ڪم آندي ويندي آهي جتي پڙهڻ واري جي ملائي پڙهڻ جو احتمال هجي.

س يا سڪتة: سڪتي جي علامت آهي. هتي ڪي قدر رڪجڻ گهرجي پر ساھ ٽُٽڻ نہ گهرجي.

لا: لا جي معنيٰ نہ جي آهي. هيءَ علامت ڪٿي آيت جي مٿان استعمال ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪٿي عبارت جي اندر. عبارت جي اندر هجي تہ هرگز رڪجڻ نہ گهرجي. آيت جي مٿان هجي تہ رڪجڻ يا نہ رڪجڻ ٻنهي طرح جائز آهي.

ڪ: ڪذالڪ جي علامت آهي يعني جيڪا رمز پهرين آهي اها هتي بہ سمجهي وڃي.

سرٹیفکیٹ

میں نے سندھی ترجمہ قرآن مولانا عبدالکریم قریشی آف بیر شریف ضلع لاڑکانہ کا متن قرآن شریف بنظرغائر پڑھا۔ اسکی کتابت کے الفاظ اور اعراب بالکل صحیح اور درست ہیں۔ دوران طباعت اگر کوئی اعراب رہ جائے تو اسکا متن کتابت کی تصحیح سے تعلق نہیں۔ میرا یہ تصدیق نامہ صرف متن قرآنی کی صحت کی حد تک ہے۔

فقط

حافظ شفیق احمد

حافظ قاری شفیق احمد
خطیب سلاوٹ جامع مسجد حیدرآباد
مستند پروف ریڈر وزارت مذہبی امور پاکستان
اسلام آباد

Research & Registration Officer Auqaf
Hyderabad [illegible] Division's
HYDERABAD.

وقف للہ تعالیٰ
جامع مسجد الهدي ٺٽڙهي

جل جلاله — بسم الله الرحمن الرحيم — جل جلاله

هو الله الذي لا اله الا هو جل جلاله

الرحمن	نهايت ٻاجهارو
الرحيم	وڏو مهربان
الملك	بادشاه
القدوس	پاڪ
السلام	سلامتي ڏيندڙ
المؤمن	امن ڏيندڙ
المهيمن	نگهبان
العزيز	غالب
الجبار	زبردست
المتكبر	وڏائي وارو
الخالق	پيدا ڪندڙ
البارئ	بنائيندڙ
المصور	صورت ڏيندڙ
الغفار	گهڻو بخشيندڙ
القهار	ڏاڍ وارو
الوهاب	عطا ڪندڙ
الرزاق	رزق ڏيندڙ
الفتاح	کوليندڙ
العليم	ڄاڻڻهار
القابض	گهٽائيندڙ
الباسط	وڌائيندڙ
الخافض	هيٺ ڪندڙ
الرافع	مٿي ڪندڙ
المعز	عزت ڏيندڙ
المذل	خوار ڪندڙ
السميع	ٻڌندڙ
البصير	ڏسندڙ
الحكم	فيصلو ڪندڙ
العدل	عدل ڪندڙ
اللطيف	لطف ڪندڙ
الخبير	خبر رکندڙ
الحليم	بردبار
العظيم	عظمت وارو
الغفور	بخشڻهار
الشكور	قدردان
العلي	تمام مٿاهون
الكبير	تمام وڏو
الحفيظ	حفاظت ڪندڙ
المقيت	قوت ڏيندڙ
الحسيب	پورت ڪندڙ
الجليل	وڏائي وارو
الكريم	سخي
الرقيب	نگاهه رکندڙ

المجيب قبول ڪندڙ	الواسع ڪشادو	الحكيم حڪمت وارو	الودود پيار ڪندڙ	المجيد وڏي شان وارو	الباعث اٿاريندڙ	الشهيد حاضر
الحق سچ	الوكيل ڪارساز	القوي طاقت وارو	المتين مضبوط	الولي دوست	الحميد ساراهيل	المحصي ڳڻيندڙ
المبدئ شروع ڪندڙ	المعيد موٽائيندڙ	المحيي جياريندڙ	المميت ماريندڙ	الحي سدا جيئرو	القيوم بيهڪ ڏيندڙ	الواجد هر شيءِ کي لهندڙ
الماجد بزرگي وارو	الواحد هڪ	الاحد اڪيلو	الصمد بي نياز	القادر سگهه وارو	المقتدر قدرت رکندڙ	المقدم اڳي ڪندڙ
المؤخر پوئتي ڪندڙ	الاول پهريون	الآخر پويون	الظاهر ظاهر	الباطن لڪل	الوالي مالڪ	المتعالي مٿاهون
البر ڀلائي ڪندڙ	التواب توبهه قبوليندڙ	المنتقم بدلو وٺندڙ	العفو معاف ڪندڙ	الرؤف نرمي ڪندڙ	مالك الملك ملڪ جو مالڪ	ذو الجلال والاكرام بزرگي ۽ بخشش وارو
المقسط انصاف ڪندڙ	الجامع ڳڏ ڪندڙ	الغني بي پرواهه	المغني آسودو ڪندڙ	المانع روڪيندڙ	الضار نقصان ڏيندڙ	النافع نفعو ڏيندڙ
النور روشني	الهادي هدايت ڪندڙ	البديع نئين سر پيدا ڪندڙ	الباقي هميشه رهندڙ	الوارث وارث	الرشيد راهه ڏسيندڙ	الصبور برداشت ڪندڙ

وقف لله تعالیٰ

صلی اللہ علیہ وسلم | صلی اللہ علیہ وسلم | بسم اللہ الرحمٰن الرحیم | صلی اللہ علیہ وسلم | صلی اللہ علیہ وسلم

سَيِّدُنا مُحَمَّدٌ صلی اللہ علیہ وسلم

اَحْمَدُ احمد	حَامِدٌ ساراهيندڙ	مَحْمُوْدٌ ساراهيل				
قَاسِمٌ ورهائيندڙ	عَاقِبٌ پويان ايندڙ	فَاتِحٌ کوليندڙ	شَاهِدٌ رستو ٻڌائيندڙ	حَاشِرٌ گڏ ڪندڙ	رَشِيْدٌ ڀلائي وارو	مَشْهُوْدٌ شاهدي ڏنل
بَشِيْرٌ خوشخبري ڏيندڙ	نَذِيْرٌ ڊيڄاريندڙ	دَاعٍ سڏيندڙ	شَافٍ شفا ڏيندڙ	هَادٍ هدايت ڪندڙ	مَهْدٍ هدايت ڪيل	مَاحٍ ميساريندڙ
مُنْجٍ ڇڏائيندڙ	نَاهٍ روڪيندڙ	رَسُوْلٌ رسول	نَبِيٌّ نبي	اُمِّيٌّ امي	تِهَامِيٌّ تهامي	هَاشِمِيٌّ هاشمي
اَبْطَحِيٌّ بطحا وارو	عَزِيْزٌ غالب	حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ توهان لاءِ گهڻگهرو	رَؤُفٌ نرمي ڪندڙ	رَحِيْمٌ مهربان	طٰهٰ طاها	مُجْتَبٰى چونڊيل
طٰسٓ طاسين	مُرْتَضٰى پسند پيل	حٰمٓ حاميم	مُصْطَفٰے منتخب ٿيل	يٰسٓ ياسين	اَوْلٰى وڌيڪ ڀلو	مُزَّمِّلٌ سائي بنائيندڙ
وَلِيٌّ دوست	مُدَّثِّرٌ چادر ويڙهيندڙ	مَتِيْنٌ مضبوط	مُصَدِّقٌ سچو ڪندڙ	طَيِّبٌ پاڪ	نَاصِرٌ مدد ڪندڙ	مَنْصُوْرٌ مدد ڪيل

مُصْبَاحٌ روشن ڏيئو	اٰمِرٌ حڪم ڪندڙ	حِجَازِيٌّ حجاز وارو	نَزَارِيٌّ نزاري	قُرَشِيٌّ قريشي	مُضَرِيٌّ مضري	نَبِيُّ التَّوْبَةِ توبه جو نبي
حَافِظٌ سنڀاليندڙ	كَامِلٌ ڪامل	صَادِقٌ سچو	اَمِيْنٌ امانتدار	عَبْدُاللّٰهِ الله جو ٻانهو	كَلِيْمُ اللّٰهِ الله سان ڳالهائيندڙ	حَبِيْبُ اللّٰهِ الله جو دوست
نَجِيُّ اللّٰهِ الله جو رازدار	صَفِيُّ اللّٰهِ الله جو چونڊيل	خَاتِمُ الْاَنْبِيَاءِ نبين جي پڇاڙي	حَسِيْبٌ ڪافي	مُجِيْبٌ قبول ڪندڙ	شَكُوْرٌ شڪرگذار	مُقْتَصِدٌ وچٿرو
رَسُوْلُ الرَّحْمَةِ رحمت وارو رسول	قَوِيٌّ طاقت وارو	حَفِيٌّ مهربان	مَامُوْنٌ امن وارو	مَعْلُوْمٌ سڃاتل	حَقٌّ سراپا سچو	مُبِيْنٌ بيان ڪندڙ
مُطِيْعٌ فرمانبردار	رَسُوْلُ الرَّاحَةِ راحت وارو رسول	اَوَّلٌ پهريون	اٰخِرٌ پويون	ظَاهِرٌ ظاهر	بَاطِنٌ لڪل	نَبِيُّ الرَّحْمَةِ رحمت وارو نبي
يَتِيْمٌ يتيم	كَرِيْمٌ سخي	حَكِيْمٌ حڪمت وارو	خَاتِمُ الرُّسُلِ رسولن جي پڇاڙي	سَيِّدٌ سردار	سِرَاجٌ روشني ڏيندڙ	مُنِيْرٌ روشني ڪندڙ
مُحَرَّمٌ عزت وارو	مُكَرَّمٌ شرافت وارو	مُبَشِّرٌ خوشخبري ڏيندڙ	مُذَكِّرٌ نصيحت ڪندڙ	مُطَهَّرٌ پاڪ	قَرِيْبٌ ويجهو	خَلِيْلٌ دلي دوست
مَدْعُوٌّ دعوت ڪيل	جَوَّادٌ وڏو سخي	خَاتِمٌ پڇاڙي	عَادِلٌ عدل ڪندڙ	شَهِيْرٌ مشهور	شَهِيْدٌ شاهد	رَسُوْلُ الْمَلَاحِمِ جهاد وارو رسول

